اهو ياد رکڻ گهرجي ته زال کي پهرين رات جيڪو
اثر وهاريندا سو وهندو ۽ سڄي زندگي ياد رهندو.
ياد رکو ته جي پهرين رات جماع ڪبو ته سندس دل
تي اهو به اثر وهندو ته شادي معنيٰ ئي اهو جماع آهي.

ڏيندڙن مٿن مالڪن جي وهوري ڪري پريشان
ٿيندي آهي. ساهرا مائٽ ترانون، ڏيرانيون وغيره
ڪري اوقت ڪيتري نه خاطرداري ڪن پر هنجي
اها پريشاني نه ٿي وڃي. هن لاءِ سڀ ڏاريا پيا
نظر ايندا آهن، نه ڪنهن سان بي حجاب ڳالهائي
سگهي ٿي. اهڙيءَ حالت ۾ مڙس جيڪڏهن ڪنهن
اهڙي فعل لاءِ آماده ڪري جوڪ نه هن ڪڏهن
ڪيو آهي يا انجي خبر اٿس. مڙس نه حال ورتو
نه احوال، نه ذڪر ٻڌو يا سڪ، نڪا صحبت ٻري
ڪا ڳالهه، يڪدم ڪري جهليائين جماع لاءِ بوءِ
ٻڌايو نه زال مڙس کي ظالم وغيره نه سمجهندي نه
ڇا سمجهندي؟

ٻيو اها ڳالهه به ياد ڪرڻ گهرجي ته پهرئين
دفعي جي جماع سان زال جي شرمگاه جو اندريون
پردو (ڪنوارپ جو پردو) ڦاٽڻ ڪري کيس تمام
گهڻو درد ٿيندو آهي. اها حالت نه رڳو پهرئين
دفعي سان ٿيندي آهي، پر ڪن کي نه ڪيترا
ڏينهن هرڪنهن دفعي جماع ڪرڻ سان درد ٿيندو
آهي. انڪري ٻه ٽي ڏينهن جدائي جي ڪندي
آهي. جي سڀ ڪن ٻڌو اٿئو ٿيندو آهي ته زال

۽ اسانجي مرد مجرڻ ۾ شڪ پوندس اڌڙا نوجوان
پنهنجي مرد مجرڻ جي ثابتي ڏيڻ لاءِ پورين رات ئي
جماع ڪندا آهن. مطلب ته ڪيترن ئي قسمن جا
اڌڙا گندا خيال آهن جن جي وس ٿي نوجوان پورين
رات ئي زال جي رضا مندي‌ءَ کانسواءِ ئي يا سندس
تيار ٿيڻ کانسواءِ ئي بيوقوفن وانگر اهو فعل ڪريو ڏين.

اجائي ٽڪڙ مان نقصان

سڀ کان وڏو ۽ پوريون نقصان جو ان اجائي
ٽڪر مان ٿئي ٿو سو اهو ته زال مڙس کي پنهنجو
رفيق ۽ همدرد سمجهڻ بدران، سخت دل ۽ خود
غرض سمجهي ٿي. جنهن لاءِ سمجهائڻ ضروري آهي.
عام طرح ماڻهو سمجهندا آهن ته ڇوڪريون
ڪنواري ئي زال مڙس جي ميلاپ وغيره مان واقف
آهن پر ائين ڪونهي. حقيقت ۾ سؤ مان نوي
ڇوڪريون ان فعل ۽ انجي حقيقي ضرورت کان
بلڪل نا واقف هونديون آهن. اهو ممڪن آهي ته
ڪنواري وقت پنهنجي ڪن پرڻيل ساهيرين کان
ڪي قدر ان بابت ٻڌو هجين پر ان هوندي به اهو
ڪي ڪينئي. شادي‌ءَ کان پوءِ ڇوڪري جڏهن
ساهري اچي ٿي ته پاڻ کي ڌاريو ۽ ڌڪ مهمان وانگر
سمجهي ٿي.

تيار ٿيو ہوئي ۽ نقصان ڪان بيخبر رهي ڪم جاري.

٢- ڪيترائي نوجوان جي جن ڪان اڳ ڪن عادتن (جلق، اغلام، رنڊي بازي وغيره) ۾ مبتلا هوا سي ڪن وقت پهچجي زال کي در طرح سيڪاريل ڏسي ہانڻ وساري لڳاتار ميلاپ ڪرڻ وڃن، جو نہ اڳين ڪيل بدڪارين ڪري سندن ارادي جي قوت ۽ اعصابي سسٽم جي ڪمزوري روڪڻ نہ ٿي ڏئي.

٣- ڪيترن نوجوانن جي دل تي اثر ويٺل آهي تہ زال ۽ مرد ڪان هميرا ڪي هيترا دفعہ شهوت وڏيڪ آهي سي ان خيال جي غلط اثر ڪري سمجهندا آهن تہ جيئن ہانڻ زال سان همبستر ۽ ميلاپ ڪرڻ اهو آيا آهن تئين سندن زال بہ آئي آهي. بس بوء تہ زال جي نہ ڏسي ڪري سر خيال يا احساس، جهڙي هٿ ۾ فعل شروع ڪري ٿي بوء پل تہ الڻ نتيجو ڪيترو نہ برو ڪري.

ڪ ڪيترا نوجوان جي لفظڻ ۾ ڪيترين ئي ڪري مردي قوت وغيره وڃائي ويٺا آهن، ڪري گهڻن ... ڪري يا ڪن اجابن ... جي ... دل تي واري ... جي ... همبستر نہ ليا سن

ڏنو وڃيٿو جو هر ڪنهن لاءِ مفيد ثابت ٿيندو.

پروگرام شروع ڪرڻ کان اڳ جن ڳالهين جي ڄاڻ ضروري آهي سي ڏنيون وڃن ٿيون.

نوجوانن جو اجايو خيال غير قدرتي ۽ اجائي نڪتا

اڳي ذڪر ڪري آيا آهيون ته اڪثر نوجوان کي شاديءَ کان اڳ ئي اهو اثر دل تي گهر ڪيو وڃي ٿو ته شادي معنيٰ نفساني خواهشن جي پورائي پس انڪري ئي شادي جي پهرين رات ئي نفساني خواهش کي پورو ڪرڻ ۾ ديرئي ڪونه وجهندا آهن ۽ اهو به نه سوچيندا آهن ته انهن ڪهڙو برو نتيجو نڪرندو. ان مان ڪي نڪرجا نتيجا هيٺيان آهن.

١- شاديءَ رات پهرين ملاقات جنهن لاءِ جوان ڪيتري وقت کان انتظار ڪيو ۽ انکان اڳ جو لمبو عرصو مشڪلات سان پورو ڪيو، جنهن ملاقات ۾ پنهنجي خواهش پوري ڪرڻ لاءِ ڪٿين رڳون رٿيون. ان جي اچڻ ڪري مدهوش صبر نڪري وڃي. ڀرپور جوانيءَ جي مستي ۽ شهوت جي غالب پوڻ ڪري پاڻ روڪڻ مشڪل ٿيو پوي ۽ يڪدم نفس جو غلام ٿي پوتعي پاڻ شرط انساني مطلب لاءِ

ڏني ويندي آهي يا جائز سمجهي ويندي آهي، ان
ڪري اِن مان ڪئين برا نتيجا نڪرندا آهن. جو
ته ننڍي ڄمار ۾ اُمنگ ۽ جوانيءَ جا خواب پورا
ٿيندا آهن جنهن ڪري اُهي عمريءَ ۾ ڪالهه ڪيترائون
پلون ٿيندڙيون آهن.

گندن ڏوان ۽ ٻڌل ڳالهين جي اثر ڪري سمجهندا
آهن ته هن رات اسانکي رڳو همبستر يا تعلقي ميلاپ
لاءِ ئي ڪيو ويو آهي ۽ شادي يا ٻيراون ميلاپ
انسانی خواهش پوري ڪرڻ لاءِ آهي.

اسانجي [illegible] قوم جي بهت ۾ زياده
حياداري ۽ شرم [illegible] ان لاءِ هن ميلاپ بابت ٻڌائڻ
يا سمجهائڻ [illegible] سمجهندا آهن. پوءِ جاهي
[illegible] جواني جي زندگي برباد

پاڱو ٻيو

باب پهريون

شاديءَ کانپوءِ ملاقات ۽ ان لاءِ ضروري هدايت

پهرئين ڀاڱي ۾ شاديءَ جو مقصد ۽ حالتن بابت بخوبي چاڻايل آهي ته ڪهڙين حالتن ۾ شادي روا آهي ۽ ڪهڙي ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ گهرجي انلاءِ ڪهڙيون ڳالهيون ڄاڻڻ گهرجن وغيره.

شاديءَ جي پهرين رات

شاديءَ جي رسمن ادا ڪرڻ کانپوءِ گهوٽ ڪري مڙس جي گهر ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جو ميلاپ (ملاقات) ڪرائي ويندي آهي جا گهوٽ ڪري رات جو ٿيندي آهي.

جيڪي ته گهوٽ ڪنوار هندستاني رواج موجب هڪ ٻئي جي شڪل، عادت، خيال وغيره کان غير واقف هوندا آهن انلاءِ هنکي پهرين ملاقات سڏبي آهي. عام طرح نوجوان کي شاديءَ جي متعلق پوري خبر، مقصد وغيره جي ڄاڻ نه هوندي آهي ۽ نه ڪ

شرمگاهه تي وار اڀريل نظر ايندا آهن. انڪانسواءِ ٻالپڻ
جي بيپرواهي ۽ ناداني بدران شرم، حياءُ ۽ نزاڪت
وڌي ويندي آهي. ڇوڪريءَ جي هلت ۾ ڪجهه
خاوت شامل ٿيو وڃي ۽ ڇوڪري خود پاڻ ۾ ڪئين
بدليون محسوس ڪري ٿي.

تناسلي عضوا جي هيٺين هر طرح لئي تيار ٿيا آهن
تن ۾ به جماع لاءِ خواهش جاڳي ٿي. ڇوڪريءَ جي
رغبت مردن ڏانهن وڌي ٿي.

ڇوڪرين لاءِ هي وقت تمام نازڪ آهي، جڏهن
هر طرح ۽ هروقت بدي ۽ نيڪيءَ جي جنگ لڳي
ٿي. انڪري اولاد کي بچائڻ لاءِ مائٽن جو فرض آهي
ته اولاد کي سٺي تعليم، نيڪ صحبت ڏيئي، پوري
نگهباني ڪن. جي مائٽ هنوقت ٻار جي نازڪ
خيالن کي نه جاچي ۽ ان لاءِ ڪو تدارڪ نه ڪندا
ته پوءِ ممڪن آهي ته ڇوڪريون جي دنيا جي
بدڪارين ۽ لاهين چاڙهين کان بيخبر آهن، ڪنهن
چار ۾ ڦاسي پاڻ ۽ مائٽن کي تباهه ڪن. انڪري
هنوقت مائٽن جا فرض ڪي قدر اڳي کان
وڌيل آهن.

پهريون ڀاڱو سماپت

۽ ڪنهن قسم جي ورزش يا جاکوڙ کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

ب- ڪنهن به قسم جي سخت پورهئي يا دماغي ڪم کان پرهيز لازمي آهي. مطلب ته هر طرح آرام وٺڻ گهرجي.

ڇوڪرين ۾ بالغ پڻ جون نشانيون ۽ مائٽن جا فرض

ڇوڪرين ۾ سڀ کان وڏي نشاني آهي حيض (ڪپڙا) اچڻ. جنهن جو مطلب آهي ته هاڻي ڇوڪريءَ جي عضون ۾ آنا تيار ٿي رحم ۾ وڃن ٿا. اهي ئي آنا اڳتي انساني نسل قائم ڪرڻ لاءِ پوري مدد ڏين ٿا. گويا قدرت هاڻي ڇوڪريءَ کي نسل پيدا ڪرڻ لائق ڪري ڇڏيو آهي.

اڳي ٻڌايو ويو آهي ته حيض جو اچڻ ملڪن جي آب هوا کاڌي خوراڪ وغيره تي آهي. ان جي مطابق ته جدا جدا عمر ۾ حيض اچي ٿو ۽ بالغ ٿين ٿيون.

هندستان ۾ گهڻو ڪري بالغ ٿيڻ جو وقت آهي ۱۴ يا ۱۵ ورهيه. هن عمر ۾ قدرت جي قانون ڪري بدن هر طرح خوبصورت ۽ ٺهيل جهڙيل نظر ايندو.

ٻيمارين جو امڪان آهي.

حيض جي وقت ضروري هدايتون

حيض جي وقت هيٺين هدايتن تي هلڻ گهرجي.

١- هن وقت جماع ڪرڻ کان پرهيز ڪرڻ گهرجي. جيڪو تہ جماع ڪري تہ فقط زال کي زيادہ رت ايندو آهي، پر مرد کي بہ آتشڪ وغيرہ مرض جو امڪان آهي.

٢- حيض جي وقت زال لاءِ سنان ڪرڻ ڇڏڻ ضروري آهي. جي زالون ان وقت ۾ هر طرح سردي وغيرہ جي پرهيز نٿيون ڪن، تن کي حيض بعد تي وڃڻ جو امڪان آهي ۽ پوءِ سفيد رطوبت اچڻ لڳندي آهي، جنهن کي ليوڪيوريا جي ٻيماري چوندا آهن. انڪانسواءِ ٻيون بہ ٻيماريون هنين سببن کان ٿي پونديون آهن. انلاءِ لازم آهي تہ انوقت ۾ هر طرح تمام گرم ۽ سرد شين کان پرهيز ڪجي.

٣- حيض واري زال کي ڪپي تہ انوقت ۾ قبضي ٿيڻ نہ ڏئي، انلاءِ هلڪو جلاب ڪم آڻي تہ ڪو خطرو ناهي. ڪي زالون وري هن وقت ۾ گندا ڪپڙا ڪم آڻينديون آهن، ۽ ڪپڙا چڪي ٻڌنديون آهن انلاءِ ڪپڙن جو صاف هجڻ ۽ پوري طرح ٻڌڻ ڏانهن ڌيان ڏيڻ ضروري آهي.

شرمگاهه ۾ ڪجهه خارش، بخار، پيٽ جو ايڙ ملڻ
يا گهٽ لڳڻ، پيشاب زياده اچڻ ۽ پستان جي چوٽي
ڪارا ٿيڻ ۽ پيٽ جون ڏيئون ٿائين اچي رطوبت
اهڙي ريت ٿيندي آهي ۽ آهستي آهستي ٿورو رت ۾
اچڻ لڳندو آهي. شروعات ۾ نه ڪجهه وقت باقاعدي
ٿيندو آهي ۾ ڪن حالتن ۾ نه ٿي مهينا بند ٿي وري
جاري ٿيندو آهي.

جيڪڏهين حيض ڪنواري باقاعدي اچڻ شروع نه
ٿئي يا ٿيو آهي ته ان حالتن وري شادي ڪرڻ کان
پوءِ جاري ٿيندو آهي. اهڙيءَ کي خيال ڪرڻ
نه گهرجي.

جوان زالن کي، جن جي شادي ڪيل هوندي
آهي، انهن کي ۾ حيض اچڻ کان اڳ ڪجهه ڪجهه
سستي ۽ دل گهٻرائڻ لڳندي آهي. ڪن کي
نه بخار ۾ ٿيندو آهي. حيض جي وقت ۾ پياس
زياده ۽ پيشاب زياده لڳندو آهي.

جن زالن جو حيض ۴۵ يا ۵۰ ورهين جي ڄمار ۾
بند ٿي ويندو آهي، انهن کي ۾ ان مقرر ڪيل وقت
لي ڪي قدر مٿيون اڪليون ٿينديون آهن.

اهو ياد رکڻ گهرجي ته حيض جو باقاعدي اچڻ
تندرستيءَ جي نشاني آهي، نه نه ايءَ حالتن ڪيترن

کي سٺن ڏينھن تائين بہ هلندو آهي. حيض ۾ گھٽتو
ڪري رت جو انداز اٽڪل ٿورو ٿيو اچي ٿو پر ڪن
بيمارين يا ضعيفيءَ جي حالت ۾ گھٽ وڌ بہ ايندو
آهي. رت جو رنگ پھرين ڏينھن ڪجھ زردو
ٿئي ٿو پوءِ ٿري ڳاڙهو اچڻ لڳي ٿو.

عام طرح حيض ۴۵ ورهيہ تائين ايندو آهي ۽
پوءِ قدرتي بند ٿي ويندو آهي. ڪن ڪن کي
تہ ۵۰ يا ۶۰ ورهيہ تائين بہ هلندو آهي. اهو بہ ياد
رکڻ گھرجي تہ جيسين زال کي حيض ايندو رهندو
تيسين گرڀ ٿيڻ جو امڪان آهي.

ڪي اهڙا بہ اتفاق ٿيا آهن تہ حيض بند ٿي ويو
هجي ۽ زال بيمت سان ٿي پوي پر پوءِ وري ويہ
ڪانپوءِ حيض جاري رهيو آهي.

حيض اچڻ جون نشانيون

پھرين پھرين جڏهن ڇوڪريءَ کي حيض ايندو
آهي تہ هيٺيون نشانيون ظاهر ٿينديون آهن.

بدن ۾ ٿڪاوٽ ۽ سستي معلوم ٿيندي آهي.
ڪن ڪمزور ڇوڪرين کي تہ گھٻراهٽ، دل جي
ڪمزوري ۽ بدن ڀي ڀري معلوم ٿيندو آهي.
ڪن ڪن ڇوڪرين کي تہ دستريا بہ ٿي پوندي

سمجهڻ گهرجي.
هاڻي وري ڪن معلوم ڪيو آهي ته گرڀ جي وقت
اهو رت ٻار جي خوراڪ ۾ ڪم ٿو اچي ۽ باقي
جهڪي بچي ٿو، سو وهم وقت خارج ٿيو وڃي ۽
جيسين ٻار ٿڃ ڌائي ٿو تيسين وري استان ۾ کير
پيدا ڪرڻ ۾ ڪم اچي ٿو.

حيض ڪهڙي وقت شروع ٿو ٿئي

هي جدا جدا ملڪن جي آب هوا، رهڻي ڪهڻي
ڪاڍي خوراڪ جي ڪري جدا جدا عمر ۾ اچي ٿو.
گرم ملڪن ۾ ١١ يا ١٢ ورهيه ۾ ۽ سرد ملڪن
۾ ١٧ يا ١٨ ورهيه ۾ شروع ٿئي ٿو. شهري ۽
اميرن جي ٻارن کي ڳوٺاڻن جي بنسبت ۾ جلد
اچي ٿو.

گهڻو ڪري هر ڪنهن تندرست زال کي هر ڪنهن
٢٨ ڏينهن ڪانپوءِ حيض ايندو آهي. ٻر اهڙين به ڏٺو
ويو آهي ته ڪن کي ٢٤ ڏينهن ۽ ڪن کي ٣٠
يا ٣٢ ڏينهن ڪانپوءِ پڻ اچي ٿو. هي (حيض)
هميشه پوري مدت ڪانپوءِ مقرر ڏينهن تي اچي ته
سٺو، نه ته ڄاڻجي ته دلت ۾ بيماري جو سبب سمجهڻ
گهرجي. حيض گهڻو ڪري ٣،٤ ڏينهن هلي ٿو. ڪن

ٻرٽيل حالت ۾ هر ڀڃي ٺڪرر ڏيئن ني ايندو آدي

جنهن کسي جدا جدا ملڪن ۾ جدا جدا نالن سـ

سڏيندا آهن. مثلاً سنڌ ۾ ڪپـڙا اجرڪ، ٻوٻي

سرميلي اجرڪ، پنجاب ۾ ماهواري اجرڪ، بينگال

آرتو ڦول اجرڪ وغيره.

هن کان اڳ زناڻ مٿي جي ڪيڙن بابت هدايل آدي

۽ انهن جي تيار ٿي نڪرڻ ڪري رت جاري ٿئي

ٿو. جنهن جو رخ زناڻ تداسلي ٻئون ڏانهن ٿئي ٿو

جنهن کي حيض چئجي ٿو.

هن جو رنگ ڳاڙهو يا ڪجهه ڪارائڻ ني مائل

ٿيندو آهي. هن ۾ ڪجهه بدبوءِ ۾ ٿئي ٿي. ڪن

حالن کي تمام ڇڏو پاڻي وانگر رت ايندو آهي جو ۾

حيض جو رت آهي.

قديم زماني ۾ جونڊا هئا ته حيض جنڊ جي اثر

کان ايندو آهي. ۾ اها ڳالهه ڪيتري قدر سچي

آهي سو معلوم ٿي نه سگهيو آهي. ۾ جنڊ گرهڻ ۾

ساڄ گرهڻ جو اثر گريوتي زال جي ٻار تي ضرور

ٿئي ٿو. ڪن جو چوڻ آهي ته حيض رستي زال جي

گرهاش نڪري ٿي. ڪي چون ته حيض جي اجرڪ

کي ٿي چوڪريءَ جي بالغ ٿيڻ جي نشاني

خارج ٿيڻ شروع ٿيندو آهي. ڇي آنو رحم ۾ انوقت
پهچي ٿو جڏهن وقت حيض جو رت بند ٿئي ڪي ٻه
ڏينهن ٿي ويندو آهي.

حيض جي وقت جماع ڪرڻ نه فقط بيماري جو
سبب آهي پر گهرب جي خيال سان به بيوقوفي
آهي. جو نه آنو حيض بند ٿيڻ کانپوءِ رحم ۾ پهچي
ٿو ۽ گهرب لاءِ دن ٿيندو جڏهن اهو آنو رحم ۾ موجود
هوندو ۽ مرد جي مني جا ڪيڙا وڃي ان سان گڏبا.

جماع لاءِ مناسب وقت خاص ڪري گهرب جي
خيال سان هنتو ڪن حيض کان پوءِ آهي ۽ گهٽي
۾ گهٽ ١٢ يا ١٤ ڏينهن نه ڪي پوءِ اهو جيورو خارج
ٿيو وڃي.

زال جي سنڌ ٿيڻ جو سبب يا نه خصمين جي
ڪمزوري آهي جي اهي آنا تيار ڪري نٿا سگهن
يا سنڌس رحم ۾ پردو نه آهي جو آنن کي جهلي.
جو سبب پوءِ آنو رحم ۾ اچيو وڃو موٽيو وڃي.
اهو ياد رکڻ گهرجي ته آنن جو اچڻ يا پردي
سميت وقت کانپوءِ موٽي وڃڻ زال مخصوص نه
ڪندي آهي.

حيض جي هر ڪنهن بالغ زال کي ڪنواري يا

آنو جڏهن تيار ٿيندو آهي ته سندس خانو ر
سان ڀريل ۽ سڄيل هوندو آهي ۽ ان خاني کي ڦاڙي
ٿوءِ آنو ٻاهر نڪرندو آهي ۽ جڏهن ئي هي آنو ٻا
ايندو آهي تڏهن نالين جو پردو کين گرفتار ڪيو
سو گهڻو جهلي، ۽ رحم ڏي ٿو ڪلي، جنهن لاءِ وڌيڪ
گرڀ جي باب ۾ ذڪر ايندو.

ڏٺو ويو آهي ته هن آنن جي پيدائش ڪنواري
تـوري ٻرٽيل زال ۾ ۵۰ ورهين تائين پيٽي ٿئي.
بشرطيڪ ڪا اهڙي بيماري نه ٿئي. مثال رحم جون
بيماريون، سلهه ۽ بواسير وغيره. گهٽو ڪري هي
آنا ۲۸ ڏينهن اندر هر هڪ تيار ٿيو پوي ۽ پوءِ خار
ٿئي. جنهن ڪانپوءِ هٿي جو تيار ٿيڻ شروع ٿئي
آنا وري رحم ۾ پهچي هڪ قسم جي پردي ۾ ڦاسيو
وڃن. جو قدرت ان لاءِ رچيو آهي نه ته اهي حالتهر
جيڪر ڪجهه وقت رهي ڏالين رستي واپس وڃي
ليو ها. هي آنو ان پردي ۾ ٽاتل گهٽي ۾ گهٽو ۱۲
جنهن رهي سگهي ٿو. ڪن حالتن ۾ نه ڪن ڪلاڪن
پوءِ نڪريو وڃي. هي آنو نڪرڻ وقت ان پردي
وقت ئي نڪري ويندو آهي. جنهن وقت جڏهن آنو
ڏي ويندو آهي تيڏهن سانگي وقت حيض جو

باب ڏهون

زنانه منيءَ جا جيوڙا ۽ حيض

اڳي اسين زنانه منيءَ جي ڪيڙن بابت ٿورو
جٽي آيا آهيون. هتي انڊاءُ اسپلوار بيان ڏجي ٿو.
خصين بابت جيڪي آهي ته اهي آنا (ڪيڙا) ٺاهين ۽
خارج ڪن ٿا. جيڪڏهن خصين جي انهن خانن
۾ جن ۾ اهي آنا رهن ٿا، غور سان ڏسبو ته هرهڪ
آنو هڪ اجي رطوبت ۾ گهيريل نظر ايندو. هڪ
آنو هڪ خاني ۾ ٻالبو نظر ايندو. ساڳئي وقت ٻيا
آنا وري ننڍي وڏي ٿيڻ ۾ مدد ڪندا آهن يعني
هڪ وقت ۾ هڪ ئي آنو بلڪل تيار
ٿي ٻاهرين رستي رحم ۾ ايندو آهي. هي آنا ٻه ٻڪين
جي آس وانگر ٿين ٿا، ٻر ٻڪين جا آنا خيرد ئي ٻڪي
ٿيندا آهن ۽ هي مرد جي منيءَ سان گڏجي ٻوءِ
انساني جسم ٺاهيندا آهن. هنجي قطر انچ جي ١٢٠|
ٻتي ٿيندي آهي ۽ مڪمل آنو ڦاڪڻيءَ جي مٺي وانگر
ٿيندو آهي. هن جو مرد جي منيءَ سان گڏجي
انساني جسم ٺاهڻ گريب جي بيان ۾ اڳتي ملي بيان ڪبو.

...ير پئدا ٿئي ٿو، جو ٻار جي پالنا لاءِ
ضروري آهي.
زال جي پستان جي مٿئين حصي کي جوپڙ...
انگريزيءَ ۾ Nipple چئبو آهي. جنهن ۾ جو ڏ...
ٿورا گهنڊ ٿيندا آهن. هن جو رنگ جوانيءَ ۾ ٿو...
گلابي ۽ ڪارڻ ٿي ويندو آهي، ۽ ٻار ڄڻڻ کانپو...
ڦري ناسي ۽ پوءِ ڪارو ٿيندو آهي، جو هميشه اڀروئي
رهندو آهي.
جڏهن ڪن سببن کان پڻ ٿڻون تي ۾ اثر ٿئي
تو ٿڻن هن تي ۾ ٿئي ٿو.
پستان جي خوبصورتي ڪيترن سببن ڪري گم
ٿي وڃي ٿي يا گهٽجي ٿي، جي هيٺيان آهن:
مثلاً سٽيج تي ڊانس ڪرڻ، قبضيءَ ڪري،
گهڻو ۽ سخت پورهيو ڪرڻ ڪري، مردانين رانديون
ڪرڻ ڪري يا دٽ سان ڇير ڇاڙ ڪرڻ ڪري
اهڙن ۾ قدرتي خوبصورتي نه ٿي رهي ۽ ايتري
ڪشش نه ٿا ڪن.
پستان کي خوبصورت بنائڻ يا اتڪيلن کي وري
اڳي حالتم آڻڻ لاءِ خاص ڪثرتون آهن. جي اڳتي
بيان ڪبيون. انهن تي عمل ڪرڻ سان زالن
جا ٿيون خوبصورت ۽ ڪشش واريون ٿيون...

ٿا ٿين.

سڀ ٻار ۽ مٿان ڪڇوڙا ۽ ۽ گولائيءَ ۾ ٿي، جي
تمام خوبصورت ۽ ڪشش وارا ٿين ٿا.

بالغ ۾ مرد ۽ زال جا ٻستان ڪڇوڙا ھوندا آھن.
ان ڇوڪري جڏھن وڌندي ويندي تڏھن ھي اڀرندا
رھندا. گرڀ وقت ۽ کير پيارڻ جي زماني ۾ تمام
گھڻو وڌندا آھن.

ٻستان ۽ رحم جو ڏاڍو ۾ تمام گھڻو لاڳاپو آھي.
ڇوڪريءَ ٻستان کي مالش ڪرڻ تہ رحم ڪاٺ شروع
ڪندو. جڏھن زال جي ان عضون کي ھٿن ۽ مالش
ڪرڻ سان منھنجس شھوت ۽ جوش جاڳي ٿو. تڏھن
ٻستان جي مالش تمام اثر واري ٿئي ٿي ۽ زال ۾ گھڻي
شھوت پيدا ڪري ٿي.

جڏھن مرد ان کي ڇھي ٿو ۽ مالش ڪري ٿو تہ
رحم ۾ حرڪت پيدا ٿئي ۽ زال جماع جي خواھشمند
ٿئي ٿي.

ٻستان جو ننڍو يا وڏو ھجڻ ۽ خوبصورت يا
سخت ھجڻ سو زال جي مني ۽ جيئن جي جوھر جو
جمع ٿيڻ ۽ ان جي گھٽ وڌ تي منحصر آھي.

ھرڪ ٻستان ڪيترن حصن ۾ ورهايل آھي جن

ختم ٿين:

حدن ۾ سخت تنگ ٿئي ٿو جو رحم ڏانهن سو
خصيئن ڏانهن ڪجهه ويڪرو هوندو آهي. هر
هنن اصل خصيئن ۾ ڪليل ٿئي ٿو جڏهن ۾ جهال
پردو ٿئي ٿو ۽ آنا جڏدن پنهنجا گهر ڦاري نڪر
تا ته انهن کي پردو جهليو ڦاٿو ڪري، ۽ خو
خارج ٿيڻ ڪانپوءِ نالين ۾ گهڙڻ لاءِ رستو ڏئي، جتان
دو رحم ۾ اچيو داخل ٿين. مطلب ته هنن پردن
جو ڪم آهي آنن کي ٻئي پاسي وڃڻ کان
روڪي نالين رستي رحم تائين پهچائڻ.

٦- پستان (ٿڃ). ان ۾ ڪوئي شڪ ڪونهي ته
زال جي شڪل کان ۾ وڌيڪ زياده ڪشش ڪندڙ ۽
سيد س جوانيءَ، حسن ۽ جمال جي ثابتي ڏيند
ٿي پستان ئي آهن. هنن جا ٽي قسم ٿين ٿا.

ا- ٻار ڪان ٿلها ۽ مٿان سخت. اهڙا پستان هندستاني
زالن ۾ هوندا آهن ۽ اهي زالن ۾ زياده ڪشش جوڙ
رڪز آهن.

٢- ٻارن کي کير پيارڻ ۽ مردن جي ڇيڙ ڇاڙ
هلڻ ڪري وڏا ٿي پوندا آهن ۽ گوڙهين وانگر
ڪندا نظر ايندا آهن جي اهڙا ڪشش جا

زنانه خصيتا رڳو آنا پيدا ڪندا آهن، پر مردن وانگر جئن مردن جي مني خصيتن مان نڪري وري رت مان گڏجي بدن جسماني ڪم ۾ مدد ڏيندي آهي، تئن زالن ۾ به سندن خصيتا ادو ڪم ڪندا آهن، جيسين زال پوري بالغ نه ٿي آهي.

هنن آنن جو ويڪ دلچسپ احوال اڳتي ملي ڏيو. هتي ايترو ضروري آهي ته جڏهن زنانين مني تيار ٿي ۽ آنا پچي تيار ٿي خاص مان نڪري مني ڪٽي ويندڙ نالين (Fallopian tubes) رستي رحم ڏي ويندا آهن ته هڪ پردي ۾ اٽڪي پوندا آهن، جو پردو ڪين ڦاڙي ڪري ڇڏيندو آهي ۽ جيسين ادو جون (جو آنا پهچڻا گهر ڦاڙي نڪرندا آهن) خارج ٿئي، جنهن ڪي حصن (ڪيڙا اڃا) جوندا آهن، پوءِ پردو هتي ويندو آهي ۽ آنا نالين رستي اچيو رحم ۾ پون ۽ جي اهي آنا جو مطلب مردان مني جي جيوڙن سان ٿي وڃي، ته هڪ يا وڌيڪ بار گربهه ۾ تيار ٿيڻ شروع ٿيندا آهن.

ھ (مني ڪٽي ويندڙ ناليون (Fallopian tubes

جي ناليون ، خصيتن مان نڪرن ٿيون ۽ رحم جسم جي ٻنهي پاسي اچيو وري خصيتن ۾

ڇڪيو آهي. ٿين ٻه زنانه ٻڪيءَ جا جوڙا ٿين ٿا. جن
کي Ovam يا آنا ڇڪيو آهي. هي به مردن وانگر
ڳالهين ۾ نه ٿين ٿا.

هي رحم جي ٻنهي پاسي مضبوطي سان ڳنڍيل
آهن. هرهڪ ڊيڊ انچ ڊگهو ٻه انچ ويڪرو ۽ اڌ
انچ ٿلهو ٿئي ٿو. شڪل ۾ مردن جي خصيئن
وانگر ٿئي ٿو.

هن کي جي جيري ڏسبو ته ماڪيءَ جي مانارين
وانگر نظر ايندو. جنهن ۾ ڪئين خانا هوندا ۽ هرهڪ
خاني ۾ هڪ هڪ جيوڙو (آنو) اڇي ريشي ۾ گهيريل
نظر ايندو. هي اڇو ريشو ڪڪڙ جي آنيءَ جي اڇاڻ
جهڙو هوندو آهي.

ٻالپڻ ۾ خصيتا تمام ننڍا هوندا آهن ۽ ڪم ڪونه
ڪندا آهن. ٻه جواني شروع ٿيڻ سان مضبوط ڪئين
تيز ٿاريون ٿينديون آهن ۽ ٻنهيءَ ۾ آنن جي پيدائش
شروع ٿيندي آهي.

آنا تمام گهڻي تعداد ۾ پيدا ٿيندا آهن. ٻه بالغپڻي
وقت اٽڪل ۳۰۰۰۰ کن هوندا آهن ۽ ٻوءِ اهي
هڪ ٻئي کي پالڻ ۾ ڪپي ڪاڇي ڪي سؤ وڃي بچندا
آهن. جي انساني نسل جي ڪم اچن ٿا.

ٿو. هنکي انگريزيءَ ۾ Mouth of the uterus چوندا
آهن. هي ڪنواريءَ جي حالت ۾ گول ۽ ڪي ٻار جي
ڄمڻ کانپوءِ شڪل بدلائيندو آهي. ٻار ڄڻڻ کان اڳ نرم
ٿئي ٿو ۽ ٻار ڄڻڻ کانپوءِ ڪجهه سخت ۽ ڪورو ٿئي
ٿو. هن مان ئي مرد جي مني رحم ۾ داخل ٿئي ٿي
جا پوءِ ٻار ٿيو پوي.

بدقسمتيءَ کان ڪن زالن کي رحم ٿئي ئي ڪونه
۽ جي هجي ته پوريءَ حالت ۾ نه. نه ان حالت ۾ ٻار
ٿي نه سگهندو آهي. انکي سدي يا وانجهه چوندا آهن.
ڪن ۾ ٻه رحم ٿيندا آهن ۽ ڪن جي هڪ رحم
۾ ٻٽي ٻار به ٿيندا آهن. گهٽي جاڪوڙ ۽ ٻار ڪڍڻ
ڪري يا پس اڻپ سهڻ ڪري يا اجائي آسڻ سان
جماع ڪرڻ ڪري هي نازڪ عضوو ڪيترين خطرناڪ
بيمارين ۾ ڦاسي پوندو آهي يا نه پنهنجي جاءِ تان
ٽري ويندو آهي ۽ ڪيترين تڪليفن جو باعث بڻبو
آهي جن تڪليفن بابت اڳتي ملي ذڪر ڪبو.

٣- زنانه خصيئه اڳي ٻڌايل آهي ته مردن ۾
خصيئا مني ناهڻ جو ڪم ڪن ٿا ۽ انکي آلت لائين
پهچائين ٿا. ايئن زالن ۾ به خصيئا ٿين ٿا. جن جو
ڪم وغيره ٻڌائجي ٿو. هنن کي انگريزيءَ ۾ Ovaries

رحم جي مٿئين حصي کي رحم جو آخري سرو ۽
انجي ميدان جو مٿئين جي بنسبت سوڙهو آهي، جسم
رحم چئبو آهي ۽ انجي ميدان تنگ حصي کي گردن رحم
چئبو آهي. هن ۾ ٽن هنڌ سوراخ ٿين ٿا ۽ اهي جن ۾
هڪڙيون ناليون اچي داخل ٿين ٿيون. جن ۾ ذڪر
اڳتي ايندو ۽ هڪ ۾ اندام نهاني اچيو پوي، جنهن
کي رحم جو منهن چئبو آهي.

گردن رحم هن جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي
هن کي انگريزيءَ ۾ Neck of the Uterus چوندا آهن،
جئن مردن جي عضون کي ڇهڻ ۽ مهٽڻ سان شهوت جاڳي
ٿي، تئن زال جي ۾ عضون سان ساڳي حالت آهي. انهن
عضون ۾ رحم گردن جا فرج ۾ اچيو داخل ٿئي سا ۾
خاص شهوت جا ڳائڻ لاءِ جڳهه آهي. جيڪڏهن مرد
جـــي آلـــت جماع وقـــت هن ســـان نـــہ لڳي
تہ جيڪر زال کي لذت نہ اچي. انڪري جي مرد
جي آلت ننڍي هجي تہ جماع وقت ڪمر هيٺان وهاڻو
رکڻ گهرجي. جنهنڪري رحم ٻاهر ٿي اچڻ ڪري
زال کي لذت ايندي ۽ ٻئي طرف خوش ٿيندا.

جنهن هنڌ اندام نهاني اچيو پوي انکي رحم جو
منهن چوندا آهن. هناجي منهن ۾ هڪ سوراخ ٿئي

٣- رحم يا ٻچہ داڻي ڍي زال جو مکيہ عضوو
آهي جنهن کي uterus چوندا آهن. ننڍي هوندي هن
جي شڪل گول ٿئي ٿي؛ جوانيءَ ۾ ناسپاتي وانگر
ٿئي ٿي جنهن ۾ حمل يا گرڀ ٿئي ٿو؛ ٻار ڪيترو وقت
ڏائين جدا جدا شڪليون بدلائيندو رهي ٿو؛ آخر ۾ جنم
وٺي ٿو. هي مٿان جي ٻنهيان؛ وڏي آنڊي جي
سامهون ڦرح جي مٿان سان ڳنڍيل ڇڻ ٻنهي انهن
جي ڏوريءَ تي رهي ٿي. هي ڪن ڏارن سان
لٽڪيل ٿئي ٿو، جنهن ڪري زال جي حرڪت
ڪري هن ۾ ڦير ڦار لڳي ٿي. جڏهن نہ ڦيٿيءَ جي
حالت ۾ آندن تي زور اچڻ ڪري اڳيان يا پٺيان
ٿي ويندي آهي مطلب تہ هن جي حالت وقت
بوقت بدلجي سگهي ٿي. هونءَ تہ هنجو وارن
ڪنواري ڇوڪريءَ ۾ ٽي انچ ڊگهو هوندو آهي ۾
گرڀ جي حالت ۾ وڏو ٿيو وڃي؛ مٿس هيڏو سارو
ٻار سمائجيو وڃي. ۾ ٻار نڪرڻ کان پوءِ قدرتي
سسيو وڃي؛ ٻي ڀيڻ کانپوءِ اصلي حالت ۾ اچيو
وڃي. حيض جي وقت ۾ ٻہ هي ڪجھ قدر وڏو ٿيندو
آهي. وڏيءَ عمر ۾؛ حيض بند ٿيڻ جي حالتم ۾
سڪل ننڍو؛ زرد رنگ جو ٿيندو آهي.

آهي ۽ گرڀ ٻيو نظر ايندو آهي، ڇوڪريءَ کي هڏ ڇال
سمجهيو ويندو آهي. ڪي ته ان حالت ۾ مري وينديون
آهن. ويچاري ڇوڪري اڳيئي بيماريءَ ۽ سور جي
سببان اڌ مئي باقي ٻه ماڻهن جو الزام جهڙن ڪري سندس
جيئڻ حرام ٿيو پوي.

ڪي ته رت گهڻي گڏ ٿيڻ ڪري مري وڃن
۽ ڪن جو پردو زور سان ڦاٽيو پوي ۽ مري وڃن.
ان حالت ۾ ڇوڪريءَ کي ڏوهه ڏيڻ نه گهرجي پر ڪنهن
ڊاڪٽر جي صلاح سان آپريشن ڪرائجي. هن پردي
کي ماڻهو ڪنوارپ جي نشاني سمجهندا آهن ان لاءِ
جي غلط فهميون ٿين ٿيون سي اڳي ٻڌايل آهن. اهو
به ياد رکڻ ضروري آهي ته ان پردي جي نه هجڻ
جي حالت ۾ به رت ٿورو ڪي گهڻو ضرور پهرئين
دفعي جماع سان نڪرندو آهي. پر بيوه رال سان جماع
ڪرڻ ڪري (جنهن کي جماع ڪئي گهڻو وقت ٿيو هجي)
به رت ايندو آهي. انڪري اها انسائي ۽ ان ڪري
جي غلط فهميون ٿين ٿن کي ورن ڏيڻ نه گهرجي.

جن جو پردو سخت ٿيندو آهي ان سان جماع ڪاپوءِ
پردي نه ڦاٽڻ ڪري مرد پاڻ ۾ نقص سمجهندو آهي ۽
دوائون کڻندو آهي سو به ٺيڪ نه آهي دوائن سان
پاڻ تندرستي گهڻو ڪري بگڙي ٿي.

ڪيِ نادان ته ان کي مٺي وهڻ سمجهندا آهن. زال کي گهرجي ته هن نارڪ عضوي جي تمام گهڻي حفاظت ڪن ۽ وقت بوقت صاف ڪن جيئن ته هن مان ئي مرد کي آتشڪ وغيره مرض ليندا آهن.

فرج جي مٿين وٽ هڪ پردو لڳي ٿو جنهن کي ڪنوارپ جو پردو چوندا آهن. جو گهڻو ڪري شادي ۽ ڪاپيوءَ جماع سان ڦاٽي پوندو آهي ۽ انکيءَ ئي ماڻهو ڪنوارپ جا آرڪان سمجهن ٿا. حقيقت ۾ ائين ڪونهي جيئن ته ڪن ۾ ته ادو پردو هوندوئي ڪونهي ۽ ڪن جو بالبڻ پڙئي ڦاٽي پوندو آهي ۽ ڪن جو ڪنواري حيض اچڻ وقت ڦاٽندو آهي ۽ ڪن جو تمام سخت محڪ ڪري جماع سان به نه ڦاٽندو آهي. ان حالتهر آپريشن ڪرائڻ ضروري آهي. ياد رکڻ گهرجي ته ٻيشاب جو رستو الڳ ٿيندو آهي ۽ وير وقت فرج ايترو نه ڦاٽندو آهي جو ٻيشاب جي ناليءَ سان ملي هڪ ٿي ويندو آهي.

ڪنوارپ جي پردي ۾ هڪ سوراخ ٿيندو آهي هن جي سالم محڪ سان به ان لنگهه وسيلي زال جو حيض جاري رهندو آهي ۽ ڪن حالتن ۾ ادو لنگهه قدرتي بند هوندو آهي ۽ حيض جو گندو رت اندر جمع رهندو

ماهر ڊاڪٽر جو علاج ڪرڻ ضروري آهي نه ته اهي
حالت ۾ زال جي ڪرڻ جو انديشو آهي.

هن واسطي فرائيڊ جو رايو آهي ته زالن ۾
لذت وٺڻ ۽ وڌائڻ لاءِ هي عضوو قدرت رکيو آهي. ڪن
زالن جو عضوو تمام وڏو ٿيندو آهي جنهن سان زالون
مجبوري حالت ۾ هڪ ٻئي سان جماع ڪنديون
آهن. جيئن مردن ۾ لونڊي بازي. اهڙي طرح
هن مان به اهڙا نقصان آهن جهڙا مردن لاءِ.

مطلب ته زالن جي هم جنس جماع ۽ چاق
مان ساڳيائي نقصان آهن جهڙا مردن جي حالت ۾.

٢- **ويجائنا يا اندام نهاني**- رحم ۽ شرمگاهه
جي وچ ۾ هڪ نالي ٿئي ٿي جنهن کي يوني يا
اندام نهاني چئجي ٿو.

هن جي ڊيگهه جدا قومن ۽ عمر ۾ جدا جدا
ٿئي ٿي. سراسري ڊيگهه ٤ انچ ۽ ويڪر ٢ انچ
تائين ٿئي ٿي.

ڏٺو ويو ته جن ملڪن جي مردن جو تناسلي
عضوو ڊگهو ۽ ٿلهو ٿئي ٿو ته اتي جي زالن جي
هي نالي به ڊگهي ۽ ويڪري ٿئي ٿي. مثلن



زنانه عضوي جي ٻاهرين حالت

١- خضر
٢- گردن رحم
٣- پيشاب جي نالي
٤- اندام نهاني جو منهن
٥- ڪنوارپ جو پردو

رستو ڏيکارڻ آهي، هن جي ٻچاري ۾ رحم (گڀڻ
جا چپ (مڻون) آهن، مٿان وار ۽ اندر جماع ڪرڻ جي
نالي ٿٽي تي ان سڄي حصي کي **شرمگاه** چون ٿا
٢- فرج ڪانوڻي رحم جي ڳچيءَ تائين جا نالي
آهي انکي مهبل يا انگريزي ۾ وئجائنا (Vagina)
اردوءَ ۾ اندام نهاني چون ٿا.

٣- رحم يا ٻچہ داڻي جنهن کي انگريزيءَ ۾ (Uterus) چون ٿا ۽ سنڌيءَ ۾ ڳوڻ چوندا اٿس.

٤- اهي ناليون جي زال جي خصين مان مني ڪڍي رحم ۾ پهچائين ٿيون جن کي انگريزيءَ ۾ (Fallopian tubes) چئجي ٿو.


٥- زنانہ خصيا جن ۾ مني ٺهي ٿي.

٦- پستان يا ٻبا.

هاڻي انهن جو تفصيلوار بيان ڏجي ٿو.


١- شرمگاه

هن ۾ ٻہ ٽنگہ ٿين ٿا. نديءَ و پيشاب خارج ڪرڻ لاءِ
و اهو جنهن کي اندام نهاني يا فرج چئجي ٿو ۽
ئي سوراخ آهي جنهن ۾ مرد جي آلت وڃي ٿي.
ر بر گم سيڪس جي چاڙوءَ جو رايو آهي ڪر ڪيترين
جو اهو حصو اندران پٽرين رات جيڪا



زنانا عضوا

١- ٻچہ داني
٢-٣- ٻچہ دان جون نالیون
٤-٥- زنانہ آنن پيدا ڪندڙ ڳوٿريون
٦- ٻچہ داني جو منهن
٧- اندام نهاني



زنانہ عضوي جي اندرين حالت

N- زنانا آنا ڏانهن وڃن

M- رحم جو منهن

O- آنن نهڻ جي ڳوٿري

F- نالیون جنان آنا لنگهي رحم ۾ داخل ٿين

V- يوني يا اندام نهاني

S- جنان آنا تيار ٿي رحم

U- رحم

C- گردن رحم

باب ناڻون

مردانا تناسلي عضون جو ذڪر اسين اڳي ئي
ڪري چڪا آهيون. هاڻي زنانا عضون، انهن جي
بناوت ۽ انکي صحيح طرح ڪم آڻڻ ۽ نه آڻڻ
مان فائدن ۽ نقصانن جو بيان ٿا ڪريون. جن کي
شاديءَ ڪاڻ، هر نوجوان جو ڄاڻڻ ضروري آهي.
جڏهن انهي صحيح طرح فائدي وٺڻ ۾ ڪين ڪا
رڪاوٽ نه ٿئي. ساڳئي وقت زالن کي به ثابت
ٿئي جڏهن ڪين قابل زال ۽ ماءُ جو فرض بجاءِ آڻڻ
۾ ڪا ڏکيائي درپيش نه ٿئي.

زنانا عضوا، انهن جا ورهايل ڪم

زال کي تناسلي عضوا ٻن قسمن جا ٿين ٿا. مٿڪرا
ظاهري ۽ لڪل. سڀ لڪل ٻوڙي ظاهر عضوا سواءِ
ٿڻن (پستانن) جي زال جي ٻنهي رانن جي وچ ۾ ٿين
ٿا، جي ڪل ڇهه آهن.

ظاهر نظر ايندڙ جڏهن جي شڪل ڪٽڪ جي
ڏاڙهي وانگر ٻه ڪوهي ۽ ويڪري ٿئي ٿي انکي شرمگاهه
ن ٿا جڏهن جو ڪم رڳو گندگي خارج ڪرڻ ۽

جهڙو يا ٿورو تفاوت هجڻ گهرجي نه ته بي حالتہ
شادي پڻ ذلت ثابت ٿي تنهي انلاءِ هيٺين ڳالهين جو
خيال رکڻ ضروري آهي ؛ شاديءَ کانپوءِ زال مڙس
کي هڪ ٻئي لاءِ هيٺيان فرض مخصوص ڪري ڇالڻ
ضروري آهن.

ٻارين مردن لاءِ جو ڪجهه ضروري آهي سو هتہ
ڏنو ويو آهي. زال لاءِ وري ٻئي ڪتاب ۾ ڏنو
ويندو جو ته جلدئي ڇپجي نڪرندو. انہ ڪيترا
ضروري احوال ڏنل آهن سي شامل فہرست ۾ ڏسو.

پنهنجي چال چلگت آئينہ وانگر ڇاڪ ۽ صاف رکہ
ڏاري زال ڏانهن اکہ کڻي به نہ ڏس. زال ذات ٻيو
سڀ سهي سگهي ٿي پر پنهنجي مڙس کي ٻئي ڪنهن
جو دخل سهي نٿي سگهي.

زال کي هر طرح پنهنجو ڀائيوار سمجهہ. انلاءِ
هنجون پرايون وغيرہ نظر انداز ڪر يا مخفي طرح
سڌارڻ جي ڪوشش ڪر. زال سان سچي محبت ڪر.

ياد رکہ تہ تنهنجي زال پنهنجو سڀ ڪٽنب پروار
ڇڏي تو وٽ آئي آهي. هنجي لاءِ ڌرتي آسمان جي
وچہ تو کانسواءِ ٻيو ڪوبہ ڪونهي.

زال کي غلام سمجهي نہ دلاءِ جو نہ معمولي نوڪر
بہ مالڪ جو حڪم ڪن حدن اندر بجاءِ آڻي ٿو.

ٿين. ۽ رواج ڏيتي ليتي وغيره کي ڏسي کيو ن
وٺن ٿيون جن جو نتيجو گهڻو ڪري اگروئي نڪري
ٿو. جنهن لاءِ هيٺيان خيال رکڻ ضروري آهن.
١- عمر جو خيال. شادي جنهن وقت ڇوڪرو ٢٥
جو ۽ ڇوڪري ١٥ ۽ ٢٠ جي وچ ۾ هجي، ڪرڻ
گهرجي. ڇا ڪه اهڙي حالت ۾ انهن جو اولاد ڪمزور
ٿو پيدا ٿئي. ازانسواءِ اڳي ٻڌ ان لاءِ بنايل آهي.
ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي عمر جي وچ ۾ ٥ کان ١٠
سالن تائين تفاوت هئڻ گهرجي. ننڍي عمر جي
شادي ۾ تمام نقصانڪار ثابت ٿي آهي. جنهن لاءِ
هينئر سرڪار شاردا ائڪٽ پاس ڪيو آهي.
٢- اهو ڏسڻ ضروري آهي ته ڇوڪري يا ڇوڪريءَ
جي خاندان ۾ ڪا اهڙي موروثي بيماري ته نه آهي
جا اولاد کي ورثي ۾ مليل هجي. جا پوءِ ظاهر ٿئي.
مثلن- سلهه، دمه، مرگهي، ڪوڙه، آتشڪ، سوزاڪ
وغيره. جو ته اهي بيماريون ضرور اولاد تي اثر
ڪن ٿيون جنهن ڪري نه فقط شادي ڪيل جوڙي
جو انهن بيمارين ۾ مبتلا ٿيڻ ممڪن آهي پر سندن
اولاد ۾. انلاءِ اهو خيال رکڻ ضروري آهي.
٣- ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي شخصي حالت.
مالي، تندرستي، مذهب، خيالات، تعليم وغيره جو ڏڪ

پورو ڪن. انهيءَ ڪري نوجوانن کي گهرجي تہ پوري
عمر کي رسي پنهنجي رفيق حيات جي تلاش ڪن
جنهن لاءِ هيٺيان خيال رکڻ ضروري آهن. شادي
ڪرڻ وقت ۴ خيال رکڻ ضروري آهن. دولت،
خاندان، خوبصورتيءَ ۽ چوٿون نيڪي ۽ پارسائي جو.
نيڪ سيرت زال جي تلاش ڪريو جا پنهنجي
مڙس لاءِ پورو ساٿي بڻجي هر ڳالهہ ۾ مدد ڏئي ۽ سفر
کي آسان ڪري.

جو شخص ڪنهن زال سان رڳو دولت جي خيال
سان شادي ڪري ٿو سو پنهنجي لاءِ همت ولي ذلت
وڌائي ٿو. جو خوبصورتي لاءِ جاڪ جتادار نہ آهي
خاص ان تي مري شادي ڪري ٿو سو پڻ ڪيترين
تڪليفن وڌائڻ جو باعث بڻجي ٿو ۽ جو هر ڳالهہ صاف
دلي قانون موجب خيال ۾ رکي شادي ڪري ٿو سو
هرطرح ساراهڻ لائق آهي.

جنهن لاءِ ڪنهن شاعر چيو آهي تہ مان جي شادي،
شاديءَ جي خيال سان ڪريان تہ پوءِ جيڪر پنهنجي
زندگي ڪل خوشيءَ ۾ بسر ڪري در شئي تي
حڪومت ڪري سگهان جنهن ڪري اسين جيڪر
پنهنجي ۽ پين لاءِ هن دنيا کي روشن ڪري سگهون.
اڄ ڪلهہ جون شاديون گهڻو ڪري اهڙيون نٿيون

ڪابہ ہورائي نہ ڪرڻ ڪري ستوا ڪمزور ٿيو ہين، لاچار جي ڪنڌن ٿرڻ ۽ بيڪاريءَ ڪري انسان شادي ڪري سگهي نہ گوشت ۾ گوشت برهمچريہ ضرور پالڻ ڪري، جنهن لاءِ ہہ ڪي اصول آهن.
(۳) خيال ڪجي تہ اهي ستوا ڪيئي جو ڏنا؟ ۽ ڪيمڻ قاعدي موجب ملائجن ۽ انهن ڪهڙا نتيجا ٿا نڪرن. ازالسواءِ نسل قائم نہ ڪرڻ ڪري ڪيترن ڏريي ڪتابن جي ٿنڪار ۽ دنيا جي جوبهچو رهي ٿي. نسل پيدا ڪرڻ قدرت جو ہوربون خيال هو جنهن ڪري اهي ستوا ۽ جنسون انسان کي عطا ڪيون ويئون انلاءِ قدرت جي قاعدن موجب ملڻ لاءِ شادي ضروري آهي. جنهن لاءِ **قران شريف** ۾ چيل آهي تہ جو شخص شادي ٿو ڪري سو جڻ دين مذهب ۽ ايمان جي فرض جي اڌ جي پورائي ٿو ڪري باقي اڌ آئينده قاعدن تي هلي پاڪ زندگي بسر ڪري.

منو مهاراج جو جڻ آهي تہ گرهست آشرم سڀني کان اتم آهي.

هر ڪنهن هندو مذهب شاستر ۾ زال کي مرد جي اَرڌانگي سڏيو ويو آهي. اَرڌانگي معنيٰ اڌ سرير. ان مان ثابت آهي تہ ٻئي گڏجي دنيا ۾ زندگي جو سفر

ڪن جو جوڙ آهي ته زندگيءَ جي مشڪل سفر
کي آسان ڪرڻ لاءِ همدرد دوست ملي ٿو. ڪن
جو جوڙ آهي ته مرد گهڻو ڪري ڪم ڪار ۾
مشغول رهي ٿو ان حالت ۾ گهر جي سنڀال ڪاڄ وغيره
بندوبست ڪير ڪري؟ انڪري خانگي ضرورتن
کي مد نظر رکي شادي ضروري آهي. اهڙي طرح
ٻيا به ڪيئي خيال آهن جي ماڻهو وقت بوقت ڏيندا
رهندا. پر انهن لاءِ ٻيو جواب آهي جو اخلاقي ۽ طبي
نگاهه سان ڏسڻ گهرجي ته پوري جوانيءَ کانپوءِ ۽ اگر
انسان ۾ شهوتي جذبات موجود آهي ۽ اڀرندي رهي ٿي
ان جي خرابين کان بچڻ ۽ اخلاق جي حفاظت لاءِ
شادي ٻيون ۽ آسان رستو آهي، جنهن لاءِ اڳي
چئي آيا آهيون ته نه ته هي حالت اگهي بداخل عادتن ۽
بيمارين ۾ مبتلا ٿيڻ جو انديشو آهي.

(۲) قدرت سڀ عضوا انسان جي ڀلي لاءِ ڏنا آهن
۽ انهن مان ڪنهن به هڪ کي بيڪار ڪرڻ ڪري
قدرت خود سزا ڏئي ٿي. جو هي حالت ۾ انسان ۾
ڪيئي بدني ۽ دماغي بيماريون ڪريو جڙي ۽ پڻ
تناسلي بيماريون، مثال پٿري ۽ سارو. جو ته شهوتي
جذبات جي اڀرڻ تي اخلاقي طرح دٻائڻ ۽ وري انجي

باب نائون

زندگيءَ جو ٽئون دور

جڏهن نوجوان ۾ مڙني پوري طرح پڪي ٿي
وڃي ٿي ۽ هر طرح بدن لوي تيار ٿئي ٿو ۽ اهڙو
جوش ڏيڙو ٿي انجي بجاءِ شرم ۽ حياءُ ڪجهه غالب
رهي ٿو ۽ ان سان گڏ شهوتي جذبات ۾ سچو جوش
رهي ٿو ۽ جنس مخالف کي حاصل ڪرڻ جي خواهش
تمام گهڻي ٿئي ٿي انڌهن دل ۽ خيالات هر وقت اهو
آواز اٿارين ٿا ته هاڻي سڀ طاقت کي عملي طرح
ڪم آڻڻ جو وقت آيو آهي **ان کي زندگي جو**
ٽئون دور چئجي ٿو. هنوقت اڪيلائي کان
بچڻ لاءِ جنس مخالف جي ضرورت ٿئي ٿي جا
سندس دوست ۽ رهبر ٿي آئينده زندگيءَ جو رستو
آسان ڪري جهنکي ٻوءِ گرهست آشرم سڏجي ٿو.
جنهن لاءِ ٻنهي حالتن تي غور ڪري پوءِ ان
۾ قدم رکي.

گرهست لاءِ شاديءَ جي ضرورت

هر سوال تي جدا جدا ماڻهن جا جدا جدا رايا آهن،

ان خيال مان لذت حاصل ڪرڻ بدران انهي
نتيجي تي غور ڪري. خدا جو خوف رکي سوچي
ته زنا ڪيتري قدر گندو فعل آهي. جنهن لاءِ قانون
۾ وغيره ڪوبه اجازت نٿو ڏئي. نه ته به گهٽ
گهٽ انهن بيمارين جو خيال ڪري جي انهن حالتن
درپيش ٿين ٿيون.

٦ـ اهڙين جڳهين تي وڃڻ ۽ وقتن تي گهمڻ کان
ڪي پرهيز ڪري، جتي بدي جو خيال پيدا ٿئي.
بيڪار کان بيگار ڪري. جو وانڍا نه واندي ويهڻ مان
ڪيئن بد ارادا دل ۾ پيدا ٿين ٿا. چڱن جي
صحبت رکي روز رات جو سمهڻ کان اڳ ان بدي
جي نتيجن تي غور ڪري ته اهو اثر دل ۽ دماغ تي
پختو ٿي وڃي.

طالب ٿيڻ، اڪيلائي ۾ دل کي ويندل خيال
ڪري، رات جو ننڊ ۾ منيءَ جو انزال ٿي ويندو
آهي. جيتوڻيڪ انهيءَ ڪمزوري ڏسندا ته آهن
ته به جوانا آهن ته اسين ته ڪاهه حرڪت ڪار
نا ڪريون!

هن مريض کي اهي ئي بيماريون ٿي وينديون
آهن جي منيءَ جي زياده خارج ٿيڻ ڪري ٿين
ٿيون.

مٿين عادت کان بچڻ جا طريقا

جيتوڻيڪ هن زماني ۾ هن عادت کان بچڻ
مشڪل آهي جو ته اهڙا نظارا ۽ خوبصورت زالون
وغيره هروقت ڏسڻ پيون، ۽ ڏسڻيون پون ٿيون،
پر ان حالت ۾ خيال کي دل ۾ جاءِ نه ڏيڻ يا
ان لاءِ بد ارادو رکڻ يا ان کي حاصل ڪرڻ جو
خيال ڪرڻ وغيره ته انسان جي وس ۾ آهي.
انهيءَ ضروري پهريون طريقو اهو آهي ته دل ۾ بد
ارادو رکڻ نه گهرجي.

ٻيو بد خيال اچڻ سان صبر ڪري ان
تي غور ڪري ڪنهن چڱي جي صحبت ۾ ڪجهه
وقت رهي.

۾ مبتلا ٿي بيمار ٿيندو آهي. ڪي ته انلاءِ ڪ
ڪوششون به ڪندا آهن. دلالن کي ڄيرڻ،
ليکڻ، ٻٽ ونڻ، راهه اکڻ وغيره. آخر ۾ ڪا
هڻ نه، رهندي اٿن جنهن ڪري گهڙي گهڙي مرند
آهن ۽ گهڻو ڪري سلهه جا شڪار ٿيندا آهن.
اگهي هدايل آهي ته شهوتي جذبات کان جوان
مشت زني- لونڊي بازي- زناڪاري جا شڪار ٿيندا
آهن، ٻئي طرح هنوقت جي ڪهڙن جي شڪل
دل تي اثر ڪندي آهي ۽ انکي حاصل ڪري نه
سگهندا آهن ته، يا ته اهڙن شين عادتن ۾ ڦاسي اُڏن
مان ٿيندڙ مرضن جا شڪار ٿيندا آهن يا خيالي
شهوت ۾ مبتلا ٿيندا آهن. دن عادت ۾ گهڻو ڪري
اگهي هدايل عاشق مجازي مبتلا ٿيندا آهن جي اڪيلائي
۾ خيالي پلاءِ پچائي خيالي وصال ڪندا آهن ۽ ڪي
وري عاشقي ڪتاب يا فحش نظارا ڏسي ڪيترا
دفعه شهوت جي لذت وٺندا آهن، جيتوڻيڪ سمجهو
ادائي ڪابه ظاهري حرڪت نه ڪندو آهي ته به
ر قدرتي جوش ۽ انزال ڪري نماسلي. مثنوا جلد
مزور ٿين ٿا.
مثنوي جي ڪمزوري ۽ شهوتي جذبات

چوٿين پل. عشق مجازي ۽ خيالي شهوت

ڪڏهن به شي لاءِ سچي محبت هجي، جڏهن
به ڪنهن به قسم جي لالچ نه هجي، جنهن جي حاصل
ڪرڻ لاءِ عاشق هر ممڪن قرباني ڪري نه الڪي
عشق حقيقي ٿو، جو هڪڙو نور آهي.

جو ٻي آهي نه عشق مجازي هڪ باه آهي جنهن
۾ عاشق هر وقت جلندو رهي ٿو ۽ آخر تنهن ئي وڃي
هي عشق گهڻو ڪري نوجوانن کي شهوتي جذبات
جي غالب ٿيڻ ڪري جنس مخالف کي حاصل ڪرڻ
لاءِ لڳندو آهي.

جيئن ته انوقت ۾ شهوتي جذبات غالب هوندي
آهي. جوان جنس مخالف حاصل ڪرڻ لاءِ ڦرندو
رهندو آهي، انوقت جي ڪا خوبصورت عورت نظر
ايندي انس جا مو حاصل ڪري نه سگهندو آهي ته
سڌ ڪري سگهندو آهي جنهن ڪري ٿڌا ساهه ڪڍي
جپ ڪندو آهي ۽ ناڪاميءَ ڪري نراس گهر موٽندو
آهي ۽ نراسائيءَ کان اڪيلائي پسند ڪندو آهي ۽
هر وقت اها صورت اکين اڳيان ڦرندي رهندي اٿس.
هڪ ته جوانيءَ جي شهوتي جذبات ٻئي طرف انهي
نراسائي ٿيڻ جي اميدلي نه هجڻ ڪري رڳو ڪا مايوسي

آپ گهات ڪندي وڃڻ ڪار ڪندي آهي. اهڙي
گندي فعل ۾ اهڙي نقيص کي ڏسي خيال ڪرڻ
ضروري آهي ته هڪ دفعه ۾ ٿوري وقت جي ڪوڙي
لذت لاءِ ڪيل ان حرڪت مان ڪيڏا ڏک اڀرن ٿا.

اڄ ڪالهه اهڙا واقعا ترقي ڪري رهيا آهن. سو
رڳو اڻلڳي آزادي ۾ اهڙن ڳالهين جو انديشو نه رکڻ ڪري.

تيئن - طبي لحاظ کان ڪيئن خرابيون ٿين ٿيون.
جڏهن ته زناڪاري گهڻو ڪري اڪائي جهائي ڪٿي
ويندي آهي. هر وقت مٿ مائٽ دوست يار جو ڊپ
رهندو آهي جنهن ڪري ڪيترا مرض جاڳندا آهن
۽ زنا وقت ۾ ڊپ ڪري تعلقي سٽون لهي ٻه اٿو
لڳي ٿو جنهن ڪري نامردي، منيءَ جو جهڙو ٿيڻ وغيره
مرض ٿين ٿا. اها حالت نه رڳو مرد سان پر زال سان
به ٿي پوي ٿي.

زناڪاريءَ جو ٻيو نمونو آهي رنڊي بازي

هي فعل وڏن شهرن ۾ گهڻو ٿئي ٿو. جتي الاءِ
خاص بازارون ٺهيل آهن. جتي ڪيتريون زالون
ٺاهه سينگاري حسن جي نمائش ڪن ٿيون جن کي
خوبصورت نانگڻيون جوڙڻ بهتر آهي. هي نوجوانن کي
ڦاسائڻ لاءِ ڪيئن رستا اختيار ڪنديون آهن شايد

جدائي درطرح نقصان رسائي ٿسي ڇڏن ۽ جڏهن
ڪنهن شخص کي ڪنهن بديءَ لاءِ خيال ايندو
آهي ۽ وري بهتو ٿيندو آهي ۽ انکي عمل ۾ آڻي
فتح پائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندو آهي.
ان حالتم ايندڙ مشڪلاتن جي ڪابه سڌ ٻڌ نه رهندي
اٿس ۽ نتيجو اهو نڪرندو آهي جو هر قدم بيڪار
ثابت ٿيندو اٿس جو کيس اهڙيءَ ڪڏ ۾ هڻندو آهي
جتان نڪرڻ ئي مشڪل. اڪثر اهڙي حالت اهن
نوجوان جي ٿيندي آهي جي پراين ڏين ٻيدرن
۾ بري نظر رکن ٿا. جو ٺلي آهي ۽ عشق مشق اڪائڻ
سان به اڪي نٿو. انکري اهڙين ڳالهين گهڻو
ڪري ۽ جلد کاي ٻونديون آدن جنهن مان جهيڙا،
فساد، مقدمي بازي ۽ آپگهات جهڙا اگرا قدم
نڪرندا آهن.

ٻيو وري جڏهن ڪنهن جو اک جيب ۾
ڪنهن سان رستو ٿي پوندو آهي ۽ اتفاقي جي جنس
مخالف کي گرب ٿي پوندو آهي، ۽ بدناميءَ جي
ڏپ کان گرب ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي
آهي جو به سرڪاري طرح گناهه آهي. نه ته اهڙيءَ
حالتم ڳالهه ڪاڻ سان بدناميءَ ڪري اها جوڪري

سندي علاج ڏئي ته آهي ڪہ اڪثر مائٽ ٻار ان
صلاح ڏيندڙ کي بيوقوف سمجهيو ڇڏين.

ٻه مائٽن کي اهو ڏسڻ نشين هجي ته اولاد گهڻو
ڪري مائٽ اڳيان هلي ٻڌو رهندو آهي ۽ ٻه ٻه
ناجائز حرڪتون ڪندي ورم ڪو نه ڪندو آهي.

هر مذهب ۾ ڌرم ۾ زنا کان منع ڪيل آهي
جو ته اهو فعل نه رڳو مذهبي طرح ۾ اخلاقي ۽
سوسائٽيءَ جي خيال کان به خراب آهي. اڄ ڪلهه
جا نوجوان هرڪنهن طرح ٻار کي آزاد ڪرڻ جي
ڪوشش ڪري رهيا آهن ۽ يورپي تهذيب کي جهاليت
سمجهي رهيا آهن. ان حالت ۾ اهو سوال ڪرڻ ضروري
آهي ته جي تنهنجي ڀيڻ وغيره ۾ ڪو ٻري نظر
رکي يا ٻرڻائي ته جيڪر سهاري سگهين؟ ان لاءِ
هرڪ کي سوچڻ ضروري آهي ته جڏهن لوڻ اٿي
کي تنهنجي زال، ڀيڻ، ڌيءَ، ماءُ ۾ ٻري نظر رکڻ
جي اجازت نه ٿو ڏين ته ٻاڻ ڪنهن سو ڪرين ۽
ڪنهن اڳلو برداشت ڪندو.

زناڪاريءَ مان نقصان

زناڪاري انسان مان شرافت، غيرت ڪڍيو ڇڏي
انسان کي جسماني، روحاني، اخلاقي، دماغي، مالي ۽

موقعي جي تلاش ڪري ته جيئن هو جوانيءَ جي امنگن ۽ جوانيءَ جي ارمانن کي پورو ڪري. ڪي ته ان ڪري ئي مٿين بڇڙين عادتن ۾ مبتلا ٿيو پون.

قدرتي شهوتي جذبات وقت انسان کي مخالف جنس (عورت) جي خواهش پيدا ٿئي ٿي. عام طرح جلق (مشت زني) ۽ اوبدي بازي جو شڪار انسان تڏهن ٿئي ٿو جڏهن جنس مخالف ميسر ٿي نه سگهندي اٿس.

شهوتي جذبات اٿڻ سان انسان پورين ڳالهين ڳرتي جي نهن ڏين ۾ ڪا وٺندڙ ڳولي ٿو ۽ انکي لاءِ پاڻ لاءِ ڪٿين چالاڪيون ڪري ٿو. ڪي ٻاليون ڀوليون ڦاسيو وڃن ۽ زندگي خراب ڪيو ڇڏين ٿا ايءَ حالتن ۾ ڪي فقيرن جي سهاري تعويذ وغيره ٺهرايو ڪوشش ڪن ۽ ٺڳ ٿرائين. تين حالتن ڪن دلال زالن جي معرفت اهو ڪم ڪن ٿا. جن جا مثال روزانو اخبارن ۾ پيا پون.

الهڙ ڏوهه رڳو مائٽن جو آهي جن پنهنجي اولاد کي اجائي آزادي، گندي تعليم ۽ کليو کلايو ملڻ جهلڻ ڏنو آهي. ڪن حالتن ۾ جي ڪو ڇوڪرو مرض انهن مائٽن کي سندن اولاد جي ان علت بابت ڪجهه

مٿين عادت لاءِ مائٽن کي هدايت

منهنجي خيال ۾ گورنمينٽ مٿين عادت لاءِ سزا مقرر ڪئي آهي سا بلڪل پوري آهي. انهيءَ ڪا اثر سزا ڪهڙي حد تائين ٿي آهي، اها عادت ڇڏائڻ جي مجبورن اها عادت ڇڏڻي پوي. شايد گورنمينٽ انهيءَ سان رعايت ڪئي آهي جو اهي مائٽن بدران ڏوهه جي ذميوارن ۾. انهن مائٽن سان همدردي ڪرڻ بدران دشمني ڪرڻ آهي، انهيءَ مائٽن ۽ اسڪولي ماسترن کي گهرجي ته خوبصورت ٻارن ۽ ٻالن ٻولن جي ٻري سنگت کان بچائين. اڪثري اميرن جا ٻار سندن نمڪحرام نوڪرن مان به اها عادت پرائين ٿا. انهيءَ سخت نگاهه ڪرڻ گهرجي جيئن ٻار ڪن وڏن گهٽ درجي وارن سان ٻارن جو سنگ نه ٿئي.

٣- زناڪاري يا رنڊي بازي

سچ آهي ته جواني ديواني آهي. من ۾ قدم رکڻ سان بيپرواهي خودبخود اچيو انسان ۾ داخل ٿئي. انسان نفساني لذتن ۽ خواهش جو طالب ۽ عيش پسند ٿيو پوي، سندس خيال ۾ جو ڏينهن اليس ليلي (عيش ڪالسواءِ) گذري ته اهو ڏينهن لي حرام سمجهي ٿو. جائز ناجائز جي تميز لٿي رهي. انهيءَ هروقت اهڙي

رهي آهي. جي معصوم ٻارن کي اڳڀرائي پاڻ ڏانهن
مائل ڪن ٿا ۽ ان فعل لاءِ مجبور ڪيو ڇڏين. ڪي
وري مسميريزم جي رستي به ٻارن کي ڦاسائيندا آهن
آهن، نه رڳو ايترو پر اهي خبيث انهن ٻارن کي به
اها عادت وجهيو ڇڏين. ڪي وري ٻارن جي ڪن
خاص هنڌن سان ڇيڙ ڪري منجهن شهوتي جذبات
جاڳايو ان عادت ۾ ڦاسائين. انلاءِ اسانجي پراڻي
تهذيب ۾ چيل آهي ته غير مرد يا زال سان جي ڪ
واقف نه هجن هٿ هٿ ۾ ڏيڻ به نه گهرجي بلڪ
ڪنهن به قسم جي ڇيڙ ڇاڙ نه ڪجي جو ته بدن
جي ڪيترن هنڌ توري ڇهڻ سان شهوت جاڳي ٿي.
انلاءِ 15 اري ٽهذيب کي دروٻرو چڱو سمجهي حدن
کان نڪرڻ چڱو نه آهي جن مان نقصان رسي.

لونڊي بازيءَ مان نقصان

هن جي عادتين ۾ اڪثر ساڳيون نشانيون ۽
اثر ٿين ٿا. هن عادت ۾ ڪندڙ ۽ ڪرائيندڙ کي
ساڳيون جسمي ۽ تناسلي بيماريون ٿين ٿيون، پر
ڪرائيندڙ کي گهڻو ڪري هي عادت پڪو وجهي
جهڙن ڪري جيسين اهو فعل نه ڪرائي تيسين آرام ئي
نه اچيس پوءِ ڀل ته پوڙهو ٿي وڃي.

ڪنهن ڪري ادا به مسڪرا ٿيا ۽ انهن مان ڪيترن
گهڻو عرصو آخر تائين ڀوڳيو هو.

ان ڪري سڀ کان ضروري علاج اهو آهي ته ٻارن کي
ابتدا کان توبه ڪرايو ۽ انهن کي اهڙي
ڪتابن ۾ شغل ۾ لڳايو. ڪنهن ڊاڪٽر جو علاج ڪرايو.

ٻي بڇڙي عادت- لؤنڊي بازي

ڏٺو ويو آهي ته جنسي شهوت جي جاڳڻ کان پوءِ
جي عادت پوي ٿي ٻين جي عادت به. هي عادت
گهڻو ڪري ڇوڪرن، ڇوڪرين، مڙسن ۽ ڪنوارين
سڀني وغيره ۾ ڏٺي وئي آهي.

هي ڇا ڏٺي شهوت جي غالب پوڻ وقت مرد جي
جسم جي ڏاڍ ۾ دٻجي ڪري هو جنس کان ٿي جسم
ڪپو شهوت جي پوري ڪري ٿو. ڪي شيطاني
جي هر جنس ڪپو ڪڍڻ يعني جانورن کان به اهو
ڪم ڪن ٿا. جيتوڻيڪ سرڪاري قانون موجب
ڏوهه آهي ته هو ان جي سزا ڀوڳي جي ڪا اميد نظر
نٿي اچي، جيئن انهن شوقن مان ڪوئي ڪي اڪثر
ٿئي. گهڻو ڪري هي عادت پوڻ جا سبب هي آهن
جي ڪي زنده رهيا آهن. هي عادت جي شروعات
ڪي ڪنهن، گهرن ۽ سڪولن ۾ ڪرڻ ڪري

جيئي ۾ پيٽ جي خرابين کان پاڻ
بچائڻ گهرجي.

٣- پيون ڳالهيون به جن ڪري شهوت جاڳي
ان کان پرهيز ڪرڻ لازم آهي.

هدايت نين - مشت زنيءَ ۾ ڦاٿل لاءِ صلاح

جيتوڻيڪ هي عادت پاڻ کان رسيل نقصان
اهڙين ڪو اهڙو نقصانڪار نه آهي پر انهن جي روڪ
ضروري آهي ۽ ساڳئي وقت لاءِ لالچي حڪيم مريضن
کي گهڻو ڏيڇاري ڊڄڻ جي خيال کان ڪي گهڻ
وڏ پڌائيندا آهن ۽ ساڳئي وقت انهن کي هميشه لاءِ
برباد ڪن ٿا، جو نه وهم جهڙو مرض ڪونهي: انلاءِ
اهڙن مريضن کي گهرجي نه ڏجن اصل نه، پر ڪنهن
قابل جي صلاح سان ان مرض کي روڪي ۽ رسيل
نقصان جي پورائي ڪن.

نفس جي ماهرن جو رايو آهي ته سڀ کان وڏو
نقصان جو ان عادت مان رسي ٿو سو قوت ارادي جو
گهٽ ٿيڻ. باقي به جو حڪيم انهن کي ڏيڇارين ته
ها قوت رهي ڪهي به جت ٿيو وڃين، جنهن ڪري
ان عادت کان توبه ڪيل به پنهنجي ارادن تي
ڪم نه رهي وري وري اهو فعل پيو ڪري.

مشت زنيءَ جي عادت ٻوي، انهن جي بند ڪرڻ ۾
ڌيان نہ ڪرڻ گهرجي. ٢- شروعات کان ئي ٻارن
جي طلب، سنگت ۽ تعليم تي ڌيان ڏيڻ گهرجي جئين
ٻيرين کان خسيس عادتن ۾ ڦاسي پوءِ وڏا ڪم ڪرڻ
نہ شروع ڪن. ٣- ڏسڻ گهرجي تہ ٻار جا سنگتي
وغيره ڪهڙي قسم خيال وغيره جا آهن. ٤- ٻار
کي اڪيلو الڳ ڪمرو نہ ڏيڻ گهرجي. بسترو وغيره
صاف ۽ سادو هئڻ گهرجي. ڪپڙا صاف، سادا،
خلاصا هئڻ گهرجن. ٥- ٻارن جي موجودگيءَ ۾
مائٽن کي کپي تہ ڄال مڙس وارو تعلق ظاهر طور نہ
ڪن. گندن ڪتابن، ٿيئيٽر سئنيما، خراب تصويرن
وغيره کان دور رکڻ گهرجي.

هدايت بي:- نوجوانن کي کپي تہ هيٺيون ڳالهيون
ڌيان ڏئي پوءِ ڪري پاڻ پاڻ تہ جلق ۾ مبتلا
نہ ٿين:-

ا- نوجوانن کي کپي تہ جن ماڻهن مشغولي ڪئي
آهي ۽ انهن کي نقصان پهتو آهي تن کي چڱيءَ طرح
ڄاڻين ۽ انهن جي حالت تي غور ڪن.

٢- اڳي ٻڌايل موجب کاڌي، پوشاڪ وغيره
جو ڌيان ضرور ڪن.

آهي. شڪوت ٿوري وقت لاءِ ٿيڻ لڳندي آهي ۽ وري جلد ڍري ٿيندي آهي. پيشاب ۾ ساڙو ۽ انزال جهٽ ٿي پوندو آهي.

عام نشانيون.

مشت زني ڪندڙ جي طبيعت غمگين، خيال پريشان، سستي، جسماني ڪمزوري، ارادو محڪم نه رهڻ، اکين ۾ ڪڏون پوڻ ۽ اکين جي ڏيئن ڪارو ڏسڻو اٿر ويندو آهي. دماغ ڪمزور ٿيڻ ڪري حافظو جهٽ، دڪي جو سور. اٿر گهڻا اچڻ لڳندي آهي ۽ انڪانساءِ نامردي ۽ جريان وغيره مرضن ۾ مبتلا ٿي انهن ڪيترن مرضن کي دعوت ڏيئي آخر ۾ جهڙي قبر داخل ٿيندو آهي.

مشت زنيءَ کان بچڻ ۽ بچائڻ کي ٽن حصن ۾ ورهائي سمجهايو وڃي ٿو.

١- ننڍي عمر جي ٻارن کي مشت زنيءَ جي عادت کان بچائڻ لاءِ مائٽن کي هدايت.

٢- اهي نوجوان: جي بالغ ٿيڻ کي پهتا آهن يا پهچڻ تي آهن تن کي مشت زنيءَ کان بچڻ لاءِ هدايت.

٣- انهن لاءِ جي اڳيئي هن عادت ۾ قائل آهن.

هدايت پهرين جن سببن ڪري ٻارن کي

وري جدا جدا طريقن سان اها خواهش پوري ڪن ٿيون. ولائت ۾ ڪڙي سڪول جي ڇوڪرين کي جاچ ۾ پتو پيو ته ڪن ميٽ ٽين، ڪن پينسلن وغيره اهڙين شين ڪم آڻڻ سان مشتري سر انجام ڪئي آهي.

مشتري ۾ ڪي ٿوري ڪن نه ڪي گهٽي. ايتريقدر جو ڪي نه ڏس پڌ ردن ٿاڻين وغيره پچن. ان حالت ۾ سندن پڙهين ته لذت سان گڏ مني ۾ خارج ٿئي ٿي، جو اوءِ اصل نه. ان لاءِ ۾ ٿي ڏيڏون جذبو، ورپو ڪتيو شروع ڪن.

اڳي [illegible] جو نه جانورن ۾ رڳو بالدر مشتر رني ڪندو [illegible] مشترڪو ويو آدمي نه گهوڙو، ڪتو؟ رچ ۾ [illegible] آدمي. اهو آدمي اٿڻ زماني جو اثر.

يورپ ۾ ته راڳون ڪليو ڪلايو ٻاسيو ڏ . . ..ڙن
حساب ڪيو آهي ته ٻرڍ ٥٩ في صدي ۽ راڳون ٠٢
في صدي ان مرض ۾ ڦاٿل آهن.

مشترڪي جي عادت پوڻ جا سبب

نوجوانن ۾ (جي ڦاعدن تي نتا هلن) جنهن وقت
ڏوتي جذبات اٿي ٿي ته انوقت هو ان خواهش پوري
ڪرڻ لاءِ ضرور ڪو ساٿي گولي ٿو پر اهو ممڪن نه
آهي ته جنهن وقت جذبات اٿي ۽ انوقت ڪو ساٿي
، ملي. انڪري هو ڪو اهڙو طريقو وٺن ٿا جنّن اهو
جوش بس ڏرو ٿئي ۽ ڪنهنکي خبر ٻه نه پوي.
انهن طريقن جي جاڻ جدا جدا نمونن سان هٿ لڳي
ٿي ۽ ڪئي وجهي ٿي.

ڪي ٻين کي ڏسي ڪن ٿا. ڪي اڻ ڄاڻائي
۾ آزمائش طور ڪن ٿا ۽ لذت ماڻ ڪري ڦاسيو
وڃن. ڪي سمهڻ وقت نرم بسترن تي هيٺ مٿي
ٿيڻ ڪري لذت حاصل ڪن ٿا ۽ پوءِ ڦاسيو وڃن.
مشترڪي گهڻو ڪري اڪيلائي ۾ اڪائي ڪئي وڃي
ٿي. انڪري نوجوان جدا ڪوٺين، ڪاڪوس،
غسلخان جاءِ يا سمهڻ وقت اڪيلائي ۾ ڪن ٿا.
راڳون (خاص ڪري ڪنوارين ڇوڪرين) ۽

وقت کان حلندي آهي تي هر دن جي شروعات کي جون ٿا ته هڪ آفيريڪا جي شيديءَ "آن" ڪٺي جنهنڪري انگريزي طب ۾ "انارم" چون ٿا ۽ کن جو چوڻ آهي ته حضرت محمد کان اڳ عربستان ۾ تمام گهڻي جهاليت هئي. ان زماني ۾ هڪ شخص عميرھ نالي اهو طريقو ڪڍيو جنهنڪري عربيءَ ۾ "جلد عميرھ" چوندا اٿس.

هن سڌريل زماني ۾ به هيءَ عادت ڏن بدن وڌندڙ آهي. مطلب ته هر فرقي ۾ غريب امير ۾ نظر ايندي. عام طرح شاگرد، پاڪبازي ڳهت وغيره گهڻي ڀاڱي هن عادت ۾ مبتلا آهن.

هيءَ عادت مردن ۽ زالن ۾ ڏيندي آهي. (هن ول ۾ رڳو مردن لاءِ ڏيکاريو ويو آهي) پر مرد زالن کان وڌيڪ هن عادت ۾ مبتلا آهن.

هن عادت ۾ قائلن جو انداز ڄاڻڻ بلڪل مشڪل آهي جيئن ته گهڻو ڪري اهي عادتي شرم کان نه سليندا آهن. خاص ڪري زالن جي جاچ اوڻ ته تمام مشڪل آهي. جو ته ان عادت ۾ قائل جي جهڙي ئي جي نشانيون ظاهر ٿين ٿيون سي زالن ۾ مردن کان گهڻو دير سان ظاهر ٿين ٿيون.

باب ستون

جوانيءَ جون ڪيل پاپون ۽ اُنجو نتيجو

جي نوجوان اڳي ٻڌايل هدايتن موجب نه هليا آهن ۽ جوانيءَ جي جوش ۾ ضروري پرهيزون ڪري نه سگهيا آهن سي گهڻو ڪري شهوتي جذبات جي غالب هجڻ ڪري ڪيترن طريقن سان پنهنجي نفساني خواهشون پوريون ڪن ٿا جنهنڪري ڪيترن خطرناڪ مرضن جا شڪار ٿيو پون ٿا، ان لاءِ انهن عادتن هجڻ جون نشانيون، انهن نقصان ۽ بچڻ جا طريقا لکڻ بلڪل ضروري آهن جي هيٺ ڏجن ٿا:-

جلق يا مشت زني

شهوتي جذبات اٿڻ سان اول جا عادت پوي ٿي سا آهي مشت زني.

هيءَ عادت اڄ ڪلهه تمام گهڻن نوجوانن ۾ ڏسڻ ۾ ايندي. هي فعل ڪنهن سان جماع ڪرڻ ڪانسواءِ هٿ سان يا ٻئي ڪنهن اهڙي طريقي سان مني خارج ڪرڻ جو طريقو آهي جنهن ۾ ٿوري وقت لاءِ ڪوڙي لذت محسوس ڪئي وڃي ٿي. هيءَ عادت گهڻي

أگهندي دت لڳائبو يا ٻڌبو ته ضرور شهوت جاڳندي ۽ وري جي خيال ايتر دوڙندا ته ٻاڻ وڌيڪ شهوتي جذبات غالب ٿيندي تنهنڪري ڏٺو ويو آهي ته ڪي بزرگ انوقت ڪي دعا جا لفظ اچاريندا آهن.

٧- گهوڙي، اٺ، سائيڪل، وغيره جي سواري ڪري ۽ تعامل عضون جي ڪن خاص حصن تي زور اچڻ ڪري جذبات اٿي ٿي ۽ ڪي ڪمزور انوقت خلاص ٿي ويندا آهن ان لاءِ بهتر آهي ته جيترو ٿي سگهي اهڙو اهڙي سواري گهٽ ڪجي ۽ هيٺان لنگوٽ ٻڌل هجي.

شهوتي جذبات تي سرسري نظر ۽ هدايت

روزانه زندگي ۾ ڪئين اهڙا ڪم ۽ وقت آهن
جن تي ۾ شهوتي جذبات جاڳي ٿي. مثلاً:
١- ٿوري ننڊ ۽ دير سان اٿڻ ۽ سمهڻ ۾ منيءَ
جي حفاظت ۾ رڪاوٽ آهي.
٢- کاڌي کانپوءِ اٽڪل ٢ ڪلاڪ رکي سمهڻ
گهرجي.
٣- بسترو نرم هئڻ جي بجاءِ سخت هجي ته بهتر.
٤- سمهڻ وقت ڪوبه گندو خيال دل تي رکي
نه سمهجي نه ته ار پوڻ جو امڪان آهي. انڪري
ئي مذهبي ڪتابن ۾ چيل آهي ته سمهڻ کان اڳ
ڪجهه بندگي ڪرڻ گهرجي آهي.
٥- لباس ۾ جذبات جاڳائڻ ۾ دير نٿو ڪري.
انڪري لباس سادو ۽ ڍلو هئڻ گهرجي. ريشمي لباس
تڪ شهوت جاڳائيندڙ آهي.
٦- روزانه سنان ڪرڻ گهرجي. بهتر آهي ته هميشه
ٿڌي پاڻيءَ سان سنان ڪجي ۽ لڱ اگهڻ مهل پوتر
خيالات هئڻ ضروري آهي جو تمر سنان کانپوءِ رت
جو دورو تيز ٿيندو آهي ۽ نسايي نسون قدرتي طاقت
وارا ٿيندا آهن. ان ڪري ان وقت جي لڱ

سان شهوت جي جذبات ضرور پرکي ٿي. جنهن ۾ انهن عضن جو تعلق سڌو تناسلي عضون سان آهي. انڪري هاڻ جلد شهوتي جذبات پيدا ٿيو پوي. ڪي ماڻهو دٽ ۽ هٿ ڏيڻ وقت ٻئي جي ڪن حصن ني آڱر سان ڪتڪتائي ڪندا آهن جنهن ڪري اڳلو ڪجهه لذت محسوس ڪندو آهي ۽ اها لذت جذبات جاڳڻ جي شروعات آهي. ڪي نوجوان وري هڪ ٻئي کي ڀاڪرپائيندا آهن ۽ چميون ڏيندا آهن، اها حرڪت ۽ جذبات جاڳائي ٿي. ڪن ملڪن ۾ گڏجڻ وقت ڀاڪرپائڻ ۽ چمي ڏيڻ جو رواج آهي. انهن جي اخلاق کي جاچڻ سان پتو پوندو ته ڪيتري قدر نه ڪريل آهن. ڪم ۾ پاڻ وجهي ملڻ به خراب آهي.

اسانجي ڀارت جي سيتا اهڙن فعلن جي اجازت نٿي ڏئي سا به ان ئي مدنظر ٿي.

گڏ سمهڻ يا ڪنهن زال کان جسم جي ڪنهن به حصي کي چهائڻ به جذبات جاڳائي ٿو. پنهنجي تناسلي عضون کي به ضرورت (سنان وقت ڌوئڻ يا صاف ڪرڻ) کانسواءِ ڇهڻ نه گهرجي.

جذبات جو غلام ٿي ناجائز طريقي استعمال ڪرڻ ۾ دير نٿو ڪري.

طبي خيالات ڪان ۽ خوشبودار شيون ڪن حالتن ۾ خراب آهن پر شادي ڪيلن لاءِ گهڻو ڪري فائديمند ثابت ٿين ٿيون. انلاءِ شاگردن ۽ ڪنوارن کي اهڙن شين جي استعمال کان پري رهڻ ضروري آهي. نوجوانن کي گهرجي ته ان جي عيوض تيل ۽ سادا صابڻ، ميٽ وغيره استعمال ڪن جي ۽ ڪافي آهن. زبان لاءِ گهڻو ڪجهه ڪاڏي واري باب ۾ چيل آهي. وڌيڪ ايو شامل ڪرڻ ضروري آهي ته فاحش اکر ۽ گاريون نه ڏيو، جو نه اهڙن ماڻهن جو شرم حياءُ ليئو وڃي. حياءُ ٻن قسمن جو ٿئي ٿو: هڪ زباني ٻيو فعلي. جو انسان گندا لفظ ڪم آڻي ٿو سو ٻئريون حياءُ وڃائي ڇڏي ڏانهن وڌي ٿو ۽ عمل ڪرڻ لڳي ٿو. وقتي ته شهواني شڪون جي يادگيري يا زبان تي آڻڻ ۽ شهوت پيدا ڪري ٿو، انلاءِ نوجوانن کي کپي ته شي اکر ٻولين، اهڙي حالت ۾ خاموشي اختيار ڪن ته بهتر آهي.

اُن ڪانپوءِ آهي چمڙيءَ جي حفاظت.

ڏاو وڏو آدي چمڙيءَ تي ڪن خاص مڪن تي جيئڻ

مخلوقات ٻڌي مدهوش ٿيو وڃي. دلڪش آواز ۾ هڪ
خاص اثر رکي ٿو. هونءَ به گانو وغيره خراب
نه آهي پر جي ڳائيندڙ اهڙا ڀڙڪائيندڙ ٻول ۽ گيت
يا داستان واقع ڳائي ٻڌائيندو ته ضرور جذبات
جاڳندا. خاص ڪري جي ڳائيندڙ ڪا طوائف
آهي ته ان جو اثر پاڻ ٻيڻو ٿئي ٿو. (جذبات
جاڳن ٿا).

ان لاءِ سنيما، ٿيئيٽر، تماشا ۽ فاحش محلا جتي
اهي واقع هر وقت ٿي رهيا آهن، وڃڻ جذبات کي
جاڳائڻ آهي.

گاني کانسواءِ اهڙا عاشقي قصا يا فاحش ڳالهيون به
شهوتي جذبات جاڳائيندڙ آهن. ان لاءِ اهڙين ڳالهين
ڏانهن ڪن نه ڏيڻ ۾ شهوتي جذبات جي حفاظت آهي.

نڪ ۽ زبان

اک ۽ ڪن کانپوءِ نڪ ۽ زبان جو درجو آهي.
خوراڪ واري باب ۾ ڏيکاريل آهي ته کاڌو ۽ ان جو
سواد ۾ شهوتي جذبات جاڳائي ٿو. اهڙيءَ طرح خوشبودار
شين سنگهڻ ۽ استعمال ڪرڻ ۾ شهوت جاڳائين ٿيون.

اڄ ڪلهه سينٽ، ڪريم، عطر وغيره واپرائڻ
، رواج آهي انڪري ۾ وقت کان اڳ انسان شهوتي

ڪتابن کي ڏسو ۽ خيال ڪريو ته ان اعتراض واڻ
جو ضروري ڪونه رهي.

هن عمر ۾ جڏهن شهوتي جذبات جي هرطرح حفاظت
ڪرڻ گهرجي ان لاءِ جي ٿورو عرصو اکين کي انهن
فاحش نظارن کان بري رکيو ويو ته ڇا ٿيو. ٻـوءِ
جيڪر شادي‌ءَ کانپوءِ انهن مان زياده لطف اندوز ٿي
سگهجي ۽ حقيقت جي بہ خبر پـوي. انلاءِ مذهبي
ڪتابن جا جي رايا آهن اهي جاڻائڻ بہ ضروري آهن.

حضرت يسوع مسيح باب ٥، آيت ٢٧ ۽ ٢٨ ۾
چوي ٿو ته:—

تون ٻڌين پيو ته زنا نہ ڪر. پر مان چوان ٿو ته
جنهن بـہ زال ڏانهن بري نگاهہ سان ڏٺو ته ڄـڻ
ان سان زنا ڪيءَ.

اهو اڏهن ممڪن آهي جڏهن بد ارادا هجن ئي نہ، يا
پوري‌ءَ طرح انهن تـي ضابطو ڪيل هجي، پـر اڄ
ڪاله ضابطو تہ پري رهيو پـر ڪنهن زال ڏانهن ڏٺو
وڃي ٿو، رگو پنهنجي بد ارادن سان ۽ انکي پـاڻ
ڏانهن مائل ڪرڻ لاءِ.

قران شريف ۾ لکيل آهي ته:—
نيڪ مردن ۽ نيڪ زالن کي حڪم ڏيو تہ جڏهن

زالن ۽ ٻارن لئي ئي جلد پنهنجو اثر ڪري ڏيکارين
انهن طاقتن جو اظهار ٻه اکين ذريعي ڪيو
ويندو آهي.

اکر انسان جي لڪل جذبات ۽ اثر جي زبان
آهي جاڪاڻ جو جيڪو مطلب زبان سان ڪيترن
اجاين تحاين لفظن ڪم آڻڻ سان سمجهائي سگهجي
سو جيڪر اک سان ٻا آسانيءَ سمجهائي سگهجي.
انهن اکين ذريعي ئي عشق جو تير انسان جي دل ۾
لڳيو وڃي. الله اي نوجوان! شهوتي جذبات کان
بچڻ لاءِ بالغپڻ جي عمر ۾ ئي اکين کي سنڀال، جئن
دنيا جي دلفريب نظارن لئي رهجهي نه وڃين جاڪ
شهوتي جذبات جاڳائڻ ۾ دير نه ٿي لڳائي.

گهٽين ۾، گلين ۾، سنيما ٿيئيٽر ۾ جتي ۾
ڪٿو اهي خوبصورت زالن کي ڏسڻ کان ٻاز رهو. فاحش
نظارا ڏسڻ کان اکيون بند ڪرڻ بهتر آهن. شايد
ڪي اهو اعتراض وٺن ته اوهه پلا پرماتما اهڙيون اکيون
ڏنيون ئي جو جي گهڻو وقت بند ڪرڻيون هون يا
پرماتما اهڙيون خوبصورت شيون ۽ مخلوقات پيدا ئي
جو ڪئي جن کي ڏسڻ نه گهرجي؟

اي نوجوان دوست! غلطي نه ڪري جي مذهبي

ڪجي ٿي، تڏهن انهن ئي اندرين رستي شهوتي
جذبات به جاڳي ٿا. انهيءَ ضروري آهي ته شهوتي
جذبات کان بچڻ لاءِ انهن اندرين جو جڳهه طرح ۽
سڌي طريقي استعمال ڪجي، گويا اهي پنج اندريون
انساني جسم جا پنج در آهن، جتان اسانجي عزت،
پاڪيزگيءَ جا دشمن اندر اچي اهي اهم وستو لٽي
وڃڻ لاءِ هروقت تيار آهن، انهيءَ اهي پنج ئي در
وقت ۽ ضرورت آهر کولڻ ۾ ئي سلامتي آهي، خاص
ڪري پنجن درن (اندرين) ۾ جو سڀ کان نڪتو
يعني اک آهي، جيتوڻيڪ آهي ته نڪتو پر هين سڀني کان
شهوتي جذبات لاءِ خطرناڪ آهي. هر انسان ۾ ٻه
طاقتون موجود آهن. هڪ اها جنهن سان انسان اٿي
ئي غالب پئي ۽ هنڪان خراب يا چڱو ڪم ڪرائي سگهي
ٿو. ٻي اها جنهن سان انسان پئي جي تڪليف،
خيال وغيره محسوس ڪري ٿو. اهي اٿي طاقتون
ٻئي جنس ۽ مزاج موجب گهٽ وڌ ٿين ٿيون.

ڪمزور ماڻهن، ٻارن ۽ زالن ۾ پهرين طاقت ٻيءَ
کان ڪجهه گهٽ ٿئي ٿي. ڏٺو ويو آهي ته ٻار ۽
زالون مردن ئي جلد غالب ٿي پئجي سگهنديون آهن.
انهيءَ مسميريزم جا ڄاڻو، ان قوت ڪسي وڌائيسي

خيالات ۽ شهوتي جذبات

جڏهن ڪڏهن جو ملت، اخلاق ۽ شهوتي جذبات تي
اثر ٿئي ٿو ۽ انسان اخلاق کان ڪري بدڪاري
ڪري ٿو ته اهڙن خيالات ۾ شهوت ۽ جذبات جاڳائي
ٿي، ۽ انسان ان ناپاڪ قدرتي جذبات کي قانون
جي برخلاف ڪم آڻي ٿو، انهيءَ نوجوانن کي هيٺين
هدايتن تي هلڻ ۾ ضروري آهي.

خيالات جي پيدائش دماغ مان لهرن جي صورت
۾ ٿئي ٿي. دماغ جا وري ٻه حصا آهن، جي جدا
جدا ڪم ڪن ٿا. ڏٺو ويو آهي ته دماغ جي خيالات
جي رفتار ٻين سڀني رفتارن کان تيز آهي. خيالات
ئي انسان جو چال چلن ٺاهي يا بگاڙي ٿي. خيالات
جو وري هڪڙا تيڻ اثر جي صورت وٺي ٿو ۽ اثر
غالب ٿي انسان کان نيڪ يا برا ڪم ڪرائي ٿو.

انسان کي جيڪي پنج اندريون آهن انهن ذريعي
۾ ڪيتريون خواهشون پيدا ٿيس ٿيون. جڏهن اکين
سان ڏسڻ ڪري وري ڏسڻ تي دل ٿئي ٿي،
سنگهڻ ڪري ادا شيءِ پسند اچڻ ڪري حاصل ڪرڻ
جي تمنا ٿئي ٿي يا ڪنا ڪري ڪاري ڪٿي شيءِ
ٻڌڻ ڪري ۽ ٻه وڏن جي حالت ۾ نوڪاري ٿئي

نوجوان مردن ۽ زالن کي نهايت سادگيءَ سان
هلڻ ۽ سادا کاڌا ورتائڻ گهرجن جئن تہ ناچيون،
مهوا وغيره.

عام طرح جي ڳالهيون ضروري آهن تہ کاڌو صاف
سٺو ۽ چڱي طرح پڪل هجي، ان سان ڏيان ڏئي ۽
ضرورت کان ڪجهہ گهٽ کائي. رات جو سمهڻ
وقت پيٽ جو هلڪو هجڻ ازحد ضروري آهي. گهڻو
ڪري سڀني مذهبي ڪتاب ۾ روزن ورتڻ بابت
ڪي هدايتون ڏنل آهن ۽ ڌرم ۾ لاڳو ڪيون ويئون
آهن ۽ حقيقت ۾ انهن اهوئي مقصد آهي تہ انسان بيماريءَ
جو شڪار نہ ٿئي.

جن جوانن کي شهوتي جذبات ستائيندي هجي
انهن لاءِ مٿيون طريقو تمام مفيد آهي نہ تہ ٻہ گهٽ ۾ گهٽ
هفتي ۾ هڪ دفع ورت ضرور رکن. پر ان حالت ۾ هرطرح
آرام ڪرڻ گهرجي ۽ ڪوبہ جسماني ۽ دماغي ڪم نہ
ڪرڻ گهرجي. ورت جي وقت ۾ پيٽ جو خيال
ضروري آهي جئن قبض نہ ٿئي. جو نہ قبضيءَ جي
ڪري تناسلي عضون تي بار ٿئيندو ۽ شهوت جاڳي آئي.

اڳي ئي استعمال ڪرڻ لاءِ مجبور ٿيڻو پوي، ۽ ٻه پيو حرڪت ۾ اچڻ ۽ اخلاقي طرح نقصانڪار ثابت ٿيندو.

نوجوانن کي کاڌن بابت ضروري هدايت

ڪنوارن، شاگردن ۽ ٻين مڙني لاءِ جڳائي ته هيٺين طرح هدايت موجب هلن.

١- اهڙن کاڌن کان دور رهڻ جي رت ۾ جوش پيدا ڪن ٿا جو اهو جوش شهوت وڌائي ٿو تنهنڪري هيٺيون شيون جي جوش پيدا ڪن ٿيون اهي نه ڪتب آڻڻ گهرجن.

گوشت، آنا، مڇي، حرارت واريون شيون. ڪيترا خوشبودار شيون، گرم مصالحي وارا کاڌا دال، واڱڻ ليمن مان تيار ٿيل شربت، گرم دوائون يا ڪي ٻه مني کي ڪنهن وڌائيندڙ خوراڪون يا ڪيترا ڪي شيون جي شوق سان ورتيون ٿيون، جهڙوڪ چانهه ڪافي وغيره ۽ نشيدار شيون. مٺيون شيون يا ٻه رت ۾ جوش پيدا ڪندڙ آهن يا مني کي ٺهرائڻ وڌائيندڙ آهن جنهنڪري جذبات تي انسان جي ڪاٻ ٻڌجي وڃي.

ٿو. جنهن انسان ۾ اهي حالتون نه آهن ته
جانور مثل آهي.
ڏنو ويو آهي ته ڪن خاص ڪاڌن جي گهٽي ورتائڻ
بلڪل نه ورتائڻ ڪري هڏي ڪمزور ٿيو وڃي.
انسان عقل ڪان ڪم نه ٿو ولي سگهي.
گهٽي ماس ورتائيندڙ ۾ ظلم ۽ بيدردي وڌيو
وڃي. رحم جو نظر ئي نه ايندو ۽ دماغي قابليت
۾ گهٽ نظر ايندي. مثلاً- ڀيل، ڪولي، شڪاري
وغيره يا نشيدار شيون ورتائيندڙن ۾ شهوتي جذبات
زياده ٿئي ٿي ۽ جلد ڀڙڪيو اٿين جنهن ڪري هو
زناڪاري ۽ ٻين بد افعالن ۾ مبتلا رهن ٿا.
مٿيون بيان ڏيکاري ٿو ته جهڙي جدا جدا ڪاڌن
جو اثر سياڻپ تي ٿئي ٿو تهڙي ساڳئي وقت جذبات ۽
هلت وغيره تي به ٿئي ٿي. ساڳيءَ طرح سنڌس
اثر جذبات نفس تي به ٿئي ٿو. ان لاءِ نوجوانن کي
گهرجي ته بالغ ٿيڻ شرط ئي جڏهن اهي جذبات شهوت
موجود آهي ۽ دن هڏن وڌندڙ آهي ۽ انهي ڪم
آڻڻ جو وقت اڃان نه آيو آهي ته ان حالت ۾
ڪنهن اهڙي ڪاڌي کان پرهيز ڪري جنهن ڪري
جذبات نفس ۾ حرڪت پيدا ٿئي ۽ وقت کان

شهوت جاڳائڻ لاءِ اهڙا ڪيئين نظارا نظر پيا اچن. سئنيما ۽ ٿيئيٽر ۾ بارت وندڙ طوائفون پنهنجي ناز انداز سان شهوت جاڳايو ڇڏين. ڪاليج ۽ اسڪولي ڪتابن ۾ به اهڙا ئي قصا پيا نظر اچن. مطلب ته نوجوانن جي جذبات جاڳائڻ لاءِ هرطرف اهڙا نظارا موجود آهن جنهنڪري بچاءُ مشڪل ٿيو پوي.

ماءُ پيءُ اڳيان گهڻو رکجي ۽ اميد رکجي ته ڪونه جندا؟ عبث. تنهن هوندي به نوجوان جي واقف وندا ۽ ٿوري همت ڪندا ته ممڪن آهي ته انهن جو اثر جذبات تي نه ٿئي. انلاءِ به ڳالهيون ضروري آهن. هڪ کاڌو ۽ پوشاڪ ٻيو عادت ۽ خيالات جو پاڪ ڪرڻ جنهن لاءِ هر ڳالهه چڱي طرح تفصيلوار ڏجي ته جيئن سمجهڻ ۾ آساني ٿئي.

کاڌو ۽ انجو اخلاق، عادت، خيالات ۽ جذبات تي اثر

پراڻي طب ۽ نئين طب موجب اسانجي روز مره جي کاڌي جو بدن تي ڪجهه اثر ضرور ٿئي ٿو.

مثلا ڪي ماڻهو شوخ طبع آهن ته ڪي ماٺيڙي سڀاءُ جا. ڪي ڏڄڻا ته ڪي بي ڊپا. اهڙي طرح

باب چهون

شادي کان اڳ جذبات شهوت جي بچاءَ لاءِ رستا

موجود زماني کي ترقي ڪيل ۽ سڌريل زمانو چيو وڃي ٿو، پر حقيقت ۾ انهيءَ تدريجي رفتار اڳئين زماني کان هر طرح بدليل بيٺي ڏسجي. هن زماني جو بدلجي حسن انهيءَ صحت، طاقت ۽ اخلاق لاءِ تمام ڪمزور اوزار پيو نظر اچي. جن ڳالهين کي اڳي (خاص ڪري پارت ۾) اخلاق ۽ تهذيب سان شامل ڪيو ويندو هو اهي هينئر فيشن ۾ شامل آهن. ٻلندڙ زماني جي رفتار ۾ نوجوان ۽ زالن لاءِ جذبات تي قبضو ڪرڻ نهايت مشڪل پيو نظر اچي.

نوجوان ئي ويچارا جا ڪن، جذبن کي سو ٻي آزمودگار ۽ مفيد ڏيڻ جي طريقن کان بي خبر آهن. ان لاءِ مائٽن جو مکيه فرض آهي ته وقت بوقت انهن کي آگاهه ڪن.

دنيا ۾ حسن جي نمائش عام آهي. عيش عشرت لاءِ نوان نوان سامان ۽ طريقا ڪڍندا ۽ ملندا رهن ٿا

جي بيهودي‎ءَ لاءِ ڪي ڪري. اڄ تائين جيڪي ٻرشي مَني، سخت ٻاڻاٻاڻون ۽ ٻزرگ تي گذريا آهن انهن ايڏو نالو ڪٿن پيدا ڪيو ۽ ايڏا وڏا مشڪل ڪم ڪٿن ڪيا؟ پورين انهن پنهنجي آب حيات (مني) جي حفاظت ڪئي. هر موقعي تي پاڻ بچايو. تنهنڪري اي نوجوان! جي چاهين ته دنيا ۾ اعليٰ نالو قائم ڪريان، عزت، دولت، شهوت سان مالا مال ٿيان، ته پورين ان قدرت جي عطا ڪيل بي بها خزانه جي حفاظت ڪر ته باقي سڀ تنهنجي قدمن جي خاڪ آهن.

عاقل لاءِ اشارو ڪافي آهي نه هي سڀ ڳالهيون وڏن وڏن ماهر ڊاڪٽرن، ڄاڻن ۽ مدبرن جي کوجنا ڪيل نتيجن مان تيار ٿي اوهان اڳيان پيش ٿيون آهن، ان مراد سان تہ ان مان ڪجهه سبق حاصل ڪريو.

اي نوجوانو! توهين هميشه ان ٻاڙ لي آهيو، جتان هروقت ڪرڻ جو انديشو آهي انڪري هر قدم سوچي کڻو.

۽ مقابل سڙن ۽ ٻڙن جي ڏيوار اڀجي؟ جا ائا جٽاءُ ڪندي؟

اي ڀارت سپوتو، ڪجهہ جاڳو! ٻنهنجي اڳئين اتهاس کي جاچيو، تہ جو اهي ابترو ٻلوان، سندر ۽ وڏي اوسٿا ۾ بہ وڏن جاڪورن جا ڪم ڪري سگهندا هئا. جا اسين ان ئي ڀارت جي سنتان نہ آهيون؟ جو اسان ٻنهنجي سڀ آزادي، دولت، حشمت وڃائي. جي وڃائي تہ وري حاصل نہ ڪري سگهيا آهيون؟ جو نہ اسان ۾ حشمت نہ رهي آهي، نہ رهي آهي طاقت نہ دولت.

هر قوم جو طاقتور، سدريل، دولتمند هجڻ، قوم جي نوجوانن تي منحصر آهي ۽ اهي سڀ ڳالهيون ، نوجوانن کي لٺمن مت ايندڙون جڏهن اسين برهمچريہ ڀالن ڪندا سون.

برهمچريہ آهي منيءَ جي حفاظت

ان ڪري تہ ڀارت واسيو اوهين ٻنهنجي منيءَ جي حفاظت ڪري ٻاڻ ۾ طاقت، همت وغيره پيدا ڪريو.

ايشور تعاليٰ انسان کي ڪٿي بخشيو آهي تہ دنيا جي حفاظت ڪري سگهي ۽ ملڪ ۽ قوم

۽ قوت ارادو سڀ ڪمزور ٿيو وڃن. ماڻهو جوانيءَ ۾ ئي ٻوڙهو ٿيو نظر ايندو. جڏهن ته بدن جي سڀني عضون جو هڪ ئي شيءِ تي مدار آهي، انڪري رفته رفته سڀني عضون جو بيڪار ٿيڻ ڪا وڏي ڳالهه نه آهي ۽ ڪيترن مرضن ٿيڻ جو امڪان آهي. (جريان - احتلام - سلهه - دم - مرگهي - هٿ جو سور - نظر گهٽ وغيره.)

هر جوان محسوس ڪري سگهندو ته قدرت جو ڏنل اهو جوهر ئي ٻيا ڪيتري قدر حفاظت ڪرڻ جوڳو آهي. اڄ ڪالهه ڪيترن نوجوانن کي مٿين مرضن مان ڪن نه ورتل ڏسي سگهبو. خبر الو ڇو؟

ته انهن ڪوڙي ۽ عارضي لذت حاصل ڪري ان خزاني جو خرچ ڪيو. ساڳيءَ طرح جي ان جي شيءِ پاسي ڏانهن نظر ڪبي ته معلوم ٿيندو ته اهي ڪيترا نه سندر، تندرست ۽ هر ڪم لاءِ تيار پيا نظر اچن.

ذرا غور ڪري ڏسو ته ان (مني) جي حفاظت لئي ئي آئينده زندگيءَ جو دارومدار آهي. اما باداني نه آهي جو ڪنهن جڳهه جي بيڙه پٿرن جي ڏاهجي

ضرورت هي [illegible] ڪنهن جي برابر آهي، هر ڪنهن جا
[illegible] وقت [illegible] جون. دلي [illegible] جي
[illegible] ڪيترن مان [illegible] لاء
[illegible] ڪيترو [illegible] رت [illegible]
[illegible] ڪري رهي؟
[illegible] آهي [illegible] رت جو [illegible]
صحت [illegible] آهي. [illegible] طرح [illegible] اندازو
[illegible] صحت [illegible] آهي.
[illegible] ورهين [illegible] دلي جي
[illegible] انوقت [illegible] جا [illegible]
[illegible] افسوس [illegible] [illegible] ڪيترا [illegible]
[illegible] جي [illegible] خارج ڪري
[illegible] ڪري [illegible] [illegible] ليڪ
[illegible] هوندي. [illegible] رت
[illegible] جي [illegible] دل جي زيادهه
[illegible] بيڪار ليڪ
[illegible] [illegible] جون جي
[illegible] طرح [illegible] مثلاً
[illegible] جي [illegible] رهي،
[illegible] [illegible] حرڪت

باب پنجون

مڻيءَ جي حفاظت

بالغ ٿيڻ کان اڳ، يا پوءِ نوجوان جو پهريون فرض آهي مڻيءَ جي حفاظت ڪرڻ؛ هرقسم جي گندي خيالات ۽ ناپاڪ جذبات کان بچڻ جئن شهوت نه ٿئي ۽ پوءِ مڻي اجائي خرچ ٿي وڃي.

ڏٺو ويو آهي ته جيڪڏهن ٿوروئي وقت بدن مان غلاظتون (پائخانو، پيشاب وغيره) خارج نه ٿين ته جيڪر انسان بيمار ٿي پوي. اهڙيءَ طرح ڪي شيون آهن جي بدن ۾ هئڻ انسان جي تندرستيءَ جي نشاني آهي، مثلاً رت. رت جو خارج ٿيڻ انسان کي هرطرح ڪمزور ڪيو ڇڏي. هڏيءَ جو پيهڻ ڪو ٿورو خارج ڪيو ڇڏي؛ پر مڻي ته انهن ٻنهي کان زياده قيمتي جوهر آهي. جا مڻي رت جو خاص جزو آهي ۽ جنهن سڀني کان زياده مشڪلات سان تيار ٿئي ٿي انهيءَ جو اجايو نقصان ڪبو ته ڪيترو نه بدن ڪمزور ٿي ويندو؟ طبيبن جو رايو آهي ته مڻيءَ جو هڪ

ٿيون ٿي نٿي نه سپ ٿوا تيار ٿيو وڃن ؟
ڇيسين انسان جين محسوس ٿو ڪري جيسين ڪنهن
عورت سان جماع ٿو ڪري.

پيو- رڳو ڪنهن اهڙي نظاري ڏسڻ سان يا
ڪنهن حسين عورت ڏسڻ سان شهوت جاڳي اٿي ؟
يا جماع جي انزال ٿي وڃي جا حالت ڪمزوري ڪان
سان هوندي آهي.

ان باب مان ظاهر آهي ته جماع ڪرڻ، مني پيدا
ڪرڻ، جذبات پيدا ڪرڻ اِهي سڀ بدن جو
حرڪت جو ڪم ڪري اهي سڀ حالتون پيدا
ڪري ٿو.

ليڪن وري اهڙي ڪتاب جوهر (ٻيو ٻيا ترجمو)
کي اهڙو سمجهيو وڃايون ؟ بار بار بدن جي سهڻي
ٿيون کي تڪليف ڏيڻ جي حالتون پيدا ڪري
ڪين ٿڪجي جڏهن مرڻ جهڙو ڪري جڏيون.

ان لاءِ جوش کي علاج آهي ته جيتري قدر ٿي
سگهي اوترو گهٽ جي حالتن ڏانهن آڙو ڪن، جن
[illegible] جا سپ ٽيڙ ڪر ڪن ٿا.

۽ زال کي ڏسڻ کي هٿي سان گڏجڻ لاءِ خواهش پيدا ٿي
ٿئي جنهن کي **شهوتي جذبات** چئجي ٿو.
انسان (مرد) جنهن وقت زال جي روبرو وڃي ٿو
يا ڪا حسين شڪل ڏسي ٿو يا ڪن حالتن ۾
گندي لٽريچر پڙهڻ کان يا اهڙن اگهاڙن نظارن
ڏسڻ سان ڪيس شهوتي جذبات اٿي ٿي ۽ اها خبر
يڪدم اڳي ٻڌايل طريقي موجب دماغ کي
پهچي ٿي جو سڄي بدن جي بادشاهه دل
سان صلاح ڪري حڪم جاري ڪري ڏوهه
جنهن ڪري تناسلي عضوا پنهنجي ڪم ڪرڻ
(جماع) لاءِ تيار ٿيو وڃن ۽ آلت جا اڳي سسيل.
شت جي ڳوڙهي مثل هئي. اها ڏگهي سخت ٿيو
ي ۽ سوپارو ڪجهه لالائيءَ تي ٿيو پوي. ان
ت اهو انسان (مرد) بي قرار ٿيو پوي جنهن ڪري
ت ۽ نفس ان تي غالب ٿيو وڃي ۽ انسان کي
ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري ٿو. ان وقت انسان
لذت محسوس ڪري ٿو. وري انزال ٿيڻ
سڀ سرشتو اڳين دستور ٿيو وڃي.

شهوتي جذبات جا ٻه قسم آهن

ريون- جڏهن به ۽ رت جو دورو تناسلي

ذريعي معنځج ڪم سر انجام ڪري ٿو. هي "بدن
سرڪار" جو ڪئي پالو آهي ۽ ان لي سڄو دارومدار
انس. جنهن ـــ ريت ۽ هر ڪنهن شيءِ لاءِ ڪاچ موجود
آهي تنهنڪري دل دورڻ جي رستي ڪاچ پهچائي
پاڻي گند ٻين کي وريو صفا ڪري. ان مان ثابت
آهي ته جي دل ٿورو وقت ڪم ڪرڻ بند ڪري
ته جيڪر سڄو ڪارخانو خراب ته ملڻ ڪري ٿي وڃي.

تيون ڪاتو

تيون ڪاتو آهي حواس (تيليگرف) وانگر ڪم
ڪري ٿو. جنهن جو دماغ تيسر دماغ آهي. سندس
ڪم آهي بدن جي ڪنهن به شيءِ جي ضرورت
يا اتفاق جي خبر اُن وٽ عرض ڪري ان تي
عمل ڪرڻ لاءِ جدا جدا ٻين (ڪاتن) کي اطلاع ڏيڻ.
هاڻي اسانکي ڏسڻو آهي ته شيون ڪٿان آهي ۽ جو
لي پيدا ٿئي.
انسان (مرد يا زال) جڏهن ٻنهي کي نزديڪ
لا ته قدرت ان وقت رت جو دورو سندس مٿي
ڪندڙ ٿيون ۽ خود ٿيون اڃا ڪجهه زيادهه
جنهن ڪري سندس شڪتون ۾
لي. ان هلچل ملندي ٿي مرد

باب چوٿون

شهوت جذبات ۽ لذت

جيئن ته انساني جسم کي ڏور سان ڀاڳيو ته هڪ باقاعدي گورنمينٽ طرح نظر ايندو، جنهنجو انتظام جدا جدا کاتن ذريعي باقاعدي هلندو آهي. هنوقت انسان کي پنهنجي جسم جي ٽن کاتن جي ڄاڻ ضروري آهي جنهنجو ذڪر هيٺ ڏنو آهي.

پهريون کاتو

جسم جو پهريون کاتو اهو آهي جنهنجو ڪم آهي کاڌل کاڄ کي باقاعدي هضم ڪري رت جي صورت ۾ ڏيڻ. هي کاتو به پنهنجن زبردستن ذريعي (ڏند، معدو، زبان، ٽري، پتو وغيره) پنهنجو سونپيل ڪم پورو ڪري ٿو.

ٻيو کاتو

ٻيو کاتو اهو آهي جنهن جو ڪم آهي سڄي بدن کي صاف ۽ سٺو خون پهچائڻ، جنهنجي چارج دل کي مليل آهي. هي کاتو به زبردستن (نَسن وغيره)

هوندي وڌڪي ڇڏي ۽ آئينده زندگي ۾ حسرت
تنگي ڇڏي. جو نه حوالي جي پرکندڙ ۽ انسان
جي ڪجھن وقت لئي عقل مت ڪيو ولي. ان آ
جي وکيت هوندي نه نه ۽ پرکندي نه لگندي
جو تعلق لئي ٿي.

تنهن ڪري واجب آهي نه شروعات کان لئي اولاد
کي تعليم ڏيڻ نه نه ڪي ڏاڍي جي شڪار ٿيڻ
کانسوءِ تعليم ڏيڻي ڪتاب پيش ايندي.

نوجوانن کي علم نفس ڏيڻ جا آسان رس

١- اهڙا ڪتاب آڻي اولاد کي ڏجن جن
تناسلي عضون ۽ جذبات انهن بابت جڳهه طر
سمجهايل هجي. ان لاءِ هڪ ڳالهه ضروري آهي ت
اهڙا ڪتاب جي اولاد ڏٺا ته ٻ جاچيندو ته ٻونکي
ڪو پڙهندو نه ڏسي جنهن لاءِ مائٽن کي کپي ته اهڙو
نمونو اختيار ڪن جنهن جو سمجهي ته ٻونکي ڪنهن
ڪونه ڏٺو. اهڙي طرح هو خود بخود ضروري
واقفيت هٿ ڪري وٺندو.

٢- مائٽ اهو جاچين ته سندن اولاد ڪنهن سان
ٻيا هيڪ ڳالهائي ۽ بحث مباحثو ڪري سگهي ٿو.
پوءِ انهجي معرفت هو ڪيس وقت بوقت مثالن سان
اها تعليم ڏيندو رهي.

٣- اولاد جي روبرو ڪنهن سان علم نفس تي
بحث ڪرڻ گهرجي، ۽ اهڙيءَ طرح جئن اولاد
ئين سمجهي ته منهنجي موجود هجڻ جي مائٽن کي
برئي ڪانهي.

امید ته مائٽ اهڙن طريقن سان اولاد کي علم نفس
واقف ڪري سندن آئينده زندگي روشن
ندا ۽ ائين نه ٿئي جو جوانيءَ کان اڳي ئي ...

سمجهائجي ته اهي سڀوا قدرت توکي ڏنا پر انکي
چڱيءَ طرح استعمال ڪرڻ مان هي فائدا ۽ بري طرح
ڪم آڻڻ مان هي نقصان آهن. جيو ته قدرت ان
وقت اهڙي جذبات پيدا ڪيو ڇڏي جو انسان لاءِ
پاڻ روڪڻ مشڪل آهي. اهو ته قدرتي آهي ته فائدي
ڏانهن انسان يڪدم ڊوڙندو آهي پر پوءِ پل ته اندروني
نقصان ئي سمجهي. انڪري اسانجو پيدائڻ پاڻ تان
ذميواري لاهڻ آهي. جيو ته هلڻ يا نه هلڻ سندس آئينده
زندگيءَ جو عڪس آهي. مثلا ڪنهن کي پيدائجي
ته پاڻ سازي ٿي پر جي ساڳئي وقت ڪنهن جو
سڙيل هٿ به ڏيکارجي ته ڪيتري نه تڪليف اٿس
ته يقينا هو پاڻ جي ويجهو نه ويندو. اهڙيءَ طرح
جي علم نفس کان اولاد کي واقف ڪيو ويندو ۽ ان جي
برن نتيجن کي چڱيءَ طرح سمجهائبو ته ڪوبه بري
طرح استعمال نه ڪندو.

مائٽن لاءِ هدايت

١- مائٽن کي گهرجي ته ٻار جي هر قدم تي
نگاهه رکي، سندن سنگت، اٿڻ وهڻ، گهمڻ ڦرڻ وغيره
جي جاچ ڪري ته انهن موقعن تي ناجائز استعمال ته
نه ڪري رهيو آهي.

لئي ئي الله رولي طرح يا ظاهري طرح هلن ٿا ته ٻوڙا ٻڌڻ
ٻارن کي جو مائٽ ڪڏهن گندي شي وانگر ڪنان
جهليندا آهن، جو ته قدرت اهو نه ڪم ڪري. ٻوڙ
جو ته علم نفس جي ٻاري ۾ نه پڙهائجي تہ هنن ڪ
هنن هلڻو آهي ۽ استعمال ڪرڻو آهي.

مثلا ڪوبه جوڪرو ايسين ڪو اوزار ڪم اڻو
آڻي سگهي جيسين ڪ استاد کيس سيکاري يا ڪڏهن
کي ڪم آڻيندو ڏسي. جا ائين نه ٿي سگهي ته ته ڪڏهن
جوڪر کي اڪا ۽ سڀئي اوزار ڏجن ۽ انهي ڪم آڻڻ جو
طريقو نه ڏسجي يا ڏيکارجي ته انهن ڪو سدو ڦل
نڪرندو؟ اهڙيءَ طرح بالغ ٿيڻ وقت انسان کي
تناسلي عضوا اڪا ۽ سڀئا مليل ٿيا پر سيکارڻ وارو
ڪونهي، ته جا حاصل ٿيندو؟ انڪري کي موڻ
ڏيکاهي ۾ ٿي زور ڏنو آهي ته اها تعليم ڏيڻ ازحد
ضروري آهي.

جواب ٢- اهو قبول آهي ۽ ڪرڻو پوندو ته علم
نفس جي تعلم سان ممڪن آهي ته ماڻهو ٻوڙ بيپرواهه
ٿي ڪم آڻيندو پر اهو اهڙو نقصانڪار نہ آهي جهڙو
ٻچڙيءَ جي تي استعمال ڪرڻ. ان هوندي به مهڏجو
آهي ته ڪي فقط ايترو زوردار اڪرڻ ۾

جذبات جو باقاعدي واڌارو ڪن ٿا؟ پوءِ انسان لاءِ به
ائين ڇو نه آهي؟

اعتراض ٻيو- نوجوانن کي علم نفس جي تعليم ڏيڻ
معنيٰ انهن سندي طرح ان جي استعمال جو طريقو
ڏسڻ آهي؟

ٽيون اعتراض- مائٽ ڪيئن شرم لاهي اولاد کي
اهڙي تعليم ڏين؟

جواب- قدرت جانورن کي عقل ئي اهڙا ڏنا
آهن ۽ اهڙي طاقت عطا ڪئي آهي جو هو قدرت جي
برخلاف هلي نٿا سگهن، بلڪ قدرت منجهن اهو
احساس ئي وقتي پيدا ٿي ڪري. مثلاً ڪابه نقصانڪار
شيءِ ڪنهن جانور اڳيان رکو ته نه ورتائيندو جيسين ڪ
سائنس زبردستي نه ڪريو. پر انسان کي هر طرح
قدرت خود مختيار جڙيو آهي جنهن لاءِ کيس عقل
جهڙي بي بها شيءِ عطا ٿيل آهي ته انکان ڪم وٺي.
انڪري ئي انسان اشرف المخلوقات سڏجي ٿو. جو
انسان ان عقل کان ڪم نه وٺي، سڌو انهن سڌو هلي ٿو
ته اهو جانور کان به بدتر سمجهيو وڃي ٿو. ان ڪري
نوجوانن کي قدرت اهي نه جڙي ڪجهه تعليم ڏيڻ
ضروري آهي ته جيئن عقل ڪم آڻي پنهنجو بچاءُ
ڪري سگهن. ڪوئي ائين به چوندو ته جانور قدرت

[illegible]

[illegible]

[illegible] نٿي

[illegible] ڏکيائي

[illegible] جوش

[illegible] وسي

[illegible] اڳري [illegible]

[illegible] آهي ۽ شرم

[illegible] کان واقف

[illegible] قارين

کان [illegible] زندگي کي

ڪري کان [illegible].

سندس هر دلت ۾ شامل ٿيو وڃي. زال ذات کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي ته ۽ سا گهڻي وقت زال ذات لاءِ پاڻ کي ڪشش جوڳو ڪرڻ جو اهم ڪري ٿو.

هي وقت ٻين وقتن کان بلڪل نازڪ آهي جنهن تي آئينده زندگي جو سارو دارومدار آهي. شهوت جي جذبات، جا اڳي ڪا نه هئي، سا ڏينهن بدن وڌندي رهي ٿي. خيال ڀٽڪندا رهن ٿا ۽ انسان خود هڪ ڪشمڪش ۾ مبتلا ٿيو وڃي. هڪ طرف دنيا جي هر خوبصورت شيءِ پاڻ ڏانهن ڇڪڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، ٻئي طرف دنياداري، حياءُ ۽ آتما جو ٻڌ ۽ ڌڪار رهي ٿي. انڪري دل ۽ دماغ جي وچ ۾ هر وقت ڪشمڪش رهي ٿي.

هن وقت ۾ مائٽن جا فرض اڳين حياتيءَ کان ڪجهه زياده آهن. جهڙي طرح مائٽن تي اولاد جي خوراڪ ۽ پوشاڪ وغيره جي ذميواري آهي؛ اهڙي طرح هن وقت ۾ اولاد جي خيالات وغيره جي به. جهڙي ديکاتين پار کي آئينده لاءِ ٻڌائڻ وغيره ضروري آهي، تهڙي هن کانپوءِ ٢٥ سالين عمر تائين

باب ٽيون

جوانيءَ جو ڦٽڻ ۽ ماڻهن جا فرض

طبي خيالات کان هندستان ۾ سراسري بالغ جي
عمر ۱۴ يا ۱۵ ورهيه ورلي رهي ٿي، جڏهن وقت
مني خزانه منيءَ ۾ ڪجهه موجود آهي ۽ زيادهه ٿيڻ
لڳي ٿي. بشرطيڪ انهن جي خوراڪ ۽ رهائش اميدي
دولتي کان بقاعدي ٺيڪ آهي.

اهو به ڏٺو ويو آهي ته سرد ملڪن کان گرم
ملڪن ۾ ۽ شهرن کان ڳوٺن ۾ ٻار جلد بالغ ٿيو وڃن.

بالغ ٿيڻ جون نشانيون

صغير جي بالغ ٿيڻ وقت منجهس ڪئين قدرتي
ڦيرڦاريون ٿين ٿيون ۽ ڪيتريون تبديليون آواز اچي ٿو
ته ڏٺي تون بالغ آهين. ... ڪشش
جو وڌڻ، آواز جو ڳرو ٿيڻ، ڪڇين ۽ آلت جي
مرڪزي وارن جو اچڻ، ... جي ... ۽ ...
... معلوم ڪرڻ. ... جو ...
... ... [illegible]

مٽي پيدا ڪئن ٿيندي آهي

ڏٺو ويو آهي ته مٽي نه ڀار ۾ ۽ موجود آهي پر
ان لڪيل. جڏهن ته ٻالپڻ ۾ انهن ڪڻون جي تياري
ٿيندي رهي ٿي، انڪري رت جو گهڻو حصو ان ۾
ڪم اچيو وڃي ٿو. ٻالغ ٿيڻ کان پوءِ مٽيءَ جي خزانه
۾ گڏجڻ شروع ٿئي ٿو.

[illegible] شيون ۽ حرڪت ۽ حياتي جي
[illegible] ۽ [illegible]
انهن ثابت آهي ته [illegible]
[illegible] الهي [illegible]
۽ [illegible] دماغ [illegible]

[illegible] ۽ [illegible] ۽ حقيقت ۽ [illegible] آهي
آهي ته دماغ ڪري ٿو [illegible] ۽ انسان ۽ [illegible]
۽ [illegible] ۽ [illegible] ڪري [illegible]
اصل [illegible] يا اتفاق سان [illegible] ته انسان
جو دماغ جهڙي دماغ سان، صورت جي [illegible]
جي [illegible] جا [illegible] الڪل [illegible] لڳ داخل [illegible]
[illegible] ڪري [illegible] آهي ۽ گهٽي دماغ [illegible]
[illegible] ڪندڙ [illegible] جي [illegible] ۽ [illegible]
[illegible] هجن. اهڙي طرح جي ڊاڪٽر لوئونين
[illegible] آهي ته [illegible] جوان جي [illegible] ۽ [illegible]
[illegible] وڌندڙ [illegible] جي [illegible] ۽ [illegible]
[illegible] ۽ [illegible]
[illegible] ثابت آهي ته

اي مٽيءَ جا جيوڙا ڇٽجي ٿو. مٽيءَ کي جڳيءَ طرح ڄاڻڻ مان ڄاتو پيو آهي تہ منجهس ٩٠ حصا پاڻي، ٦ حصہ جيوڙا، هڪ سوڊا ۽ باقي ٣ فاسفائيسٽ آف لائيم آهن.

مٽيءَ جا جيوڙا

مردانہ مٽيءَ کي جي ڏوربينيءَ سان جاچبو تہ ان ۾ ٽڪڙا ڇرندڙ پرندڙ جيوڙا نظر ايندا، جن کي مٽيءَ جا ڪيڙا چئجي ٿو. هي جيوڙو ڊيگهہ ۾ انچ جي ٥٠٠ هتي آهي، جو ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. سر ۽ پڇ. سر تمام ضروري حصو آهي. ٠ا حصو بدن رکو سر هوندو اٿس. سر مٿان ڄڀندار ٽڙي ٿو، جو زنانيءَ مٽيءَ ۾ آسانيءَ سان ملي وڃي ٿو. هي جيوڙو زنانيءَ اندريءَ (رحم) ۾ ليريءَ سان سڌو ئي سڌو هليو وڃي ٿو ۽ جي رستي ۾ ڪا شي يا جيوڙو سامهون اچيس ٿو تہ ان سان ٽڪري پوءِ اڳيان وڌي ٿو. انڪري انهن جيوڙن جو گهڻو تعداد رستي ۾ ئي پين جيوڙن سان وڙهيو مريو کپيو ڪاجيو وڃي ۽ رڳو هڪ يا ٻہ وڃو منزل مقصود تي رسن. هي جيوڙو پوءِ اندر اٽڪل ٨ يا ٩ ڏينهن زندہ رهي ٿو. [illegible] يا ڪي

خصين مان نڪتل مني ڏسبي ته ان ۾ ڪابہ باس
نه هوندي.

منيءَ ڪيڙي جي فلسوفي خيالات سان ڏسبو ته
رت جو ڪيترن عضون کي سڌڻ گهرج موجب جدا
ڏيڻ کانپوءِ بچيل ڦوڳ آهي. جهڙين پيشاب، ڏورو،
پگهر وغيره. پر جي انجي حقيقت کي ڏسو ته اهو هڪ
جوهر آهي جو ته جي ٻيا ڦوڳ بدن مان خارج نه
ٿين ته تندرستي بگڙيو پوي پر هڪ هن ئي ڦوڳ
ساڻيڻ سان تندرستي بگڙي ته ٿي پر سڌري ٿي؛
طبي اصولن موجب ضرورت وقت ئي خارج ڪرڻ
جي اجازت آهي، نه نه بي حالت ۾ انجي لاءِ مردڪ
عالم جو چوڻ آهي ته حفاظت ضروري آهي؛ منيءَ
جي خارج ٿيڻ سان ٻار بدن ۽ دماغ ڪمزور ٿئي ٿو.

منيءَ جي بناوت

اڳي بڌايل آهي ته خصا رڳ مان قيمتي جدا
ڪڍي منجهس ڪجهه ٻوٽيءَ جا جيوڙا گڏين ٿا.
جيسين اها رطوبت خصين ۾ رهي ٿي ايستائين جيوڙن
جي شڪل گول هوندي آهي ۽ اها رطوبت جڏهن
منيءَ [illegible] ۾ پهچي ٿي ته جيوڙن جي شڪل
ڦ [illegible] ڪين هڪ پڇ پيدا ٿيو پوي. انون کي

جيڪو ٻه ڪاڏو اسين کائون ٿا سو قدرت جي
قاعدي موجب ٻهرين ٿري رت ٿو ٿئي ۽ رت وري
هرهڪ عضوي کي سعدس گهرج موجب جزا پهچائي
ٿو. سڀني بدن ۾ ڪل ست ڌاتو آهن.
رس- رت- ماس- چرٻي- هڏي- مڄا- مني.
کاڌي مان پهرين رس پيدا ٿي ٿئي ۽ ان مان
رت. رت جي ڪن جزن مان وري گوشت ٺهي
تو، پوءِ ڪن مان چرٻي، ڪن مان هڏي، ڪن
مان مڄا (هڏيءَ جو ڳرو) ۽ ڪن مان مني. رت
آخر ۾ ٻهچل ۽ پوري طرح پڪل خون کي، جو ڪ
جوهر آهي، خصيئن (آنورن) ۾ اچي ٿو، جتي اڳي
هڪ خاص طريقي سان ٿري مني ٺيو پوي.
منيءَ جو مقام خصيئا آهن، جا نر امام گهاٽي ٿئي
ٿي نه پتلي. جي ڪپڙي تي لڳي ته جيڪر سڪڻ
واپوءِ ڪپڙو سخت ٿي پوي ۽ پهلي جي حالت ۾
گو هاڪو رنگ نظر ايندو. منيءَ جو رنگ اڇو ٿئي
۽ ان ۾ هڪ خاص قسم جي بانس ٿئي ٿي. اما
ڳالهين ۽ آخر ۾ پيشاب جي نالي مان
ٿر جاچيو ويو آهي ته جي

باب پهو

مـــــي

ملي کيڻن تي پئدا ٿئي

اهو پڌائڻ ضروري آهي ته مٺي رت جي قيمتي
جزن جو ڀالو آهي. رت وري اسانجي روزمره جي
کاڌي مان ٿو ٺهي. انڪري تفصيلوار ڄاڻڻ تمام
ضروري آهي.

کاڌن جا اڪثر پنج قسم مکيه آهن:-

1- اهي جن مان گوشت ٿو ٺهي.

2- اهي جن مان حراي پئدا ٿي ٿئي.

3- اهي جن ۾ نشاستي جهڙيون شيون موجود آهن
جن ڪري بدن ۾ حرارت پئدا ٿي ٿئي.

4- جن ۾ لوڻ آهي، جي وري اسان کاڌن کي
هضم ڪرڻ ۾ مدد ٿيون ڏين.

5- پاڻي، جو سڄي بدن ۾ 3 حصن مان 2 حصا
آهي ۽ بدن جي سڀني حصن ۾ کاڌن پهچائڻ ۽ صفائي
ڪرڻ جي ڪم ٿو اچي.

تي جا جلدئي شهوت جي زور کان يا ڪنهن خوبصورت
زال ڏسڻ سان آلت جي منهن وٽ اچيو وڃي. انهو
خارج ٿيڻ مني جي خارج ٿيڻ وانگر نقصان ڪار نه
آهي. نوجوانن کي اهو خيال رکڻ ضروري آهي.

مطلب ٽه

نسل پيدا ڪندڙ عضوي جو ڪم پيشاب خارج
ڪرڻ کان سواءِ مني کي منزل مقصود تائين پهچائڻ
به آهي. آنورا مني پيدا ڪرڻ لاءِ آهن ۽ ناريون
آڻڻ ۽ نيڻ لاءِ آهن، ۽ خزاني مني جو ڪم مني
سانڍڻ ۽ ٻاهر روانو ڪرڻ آهي. باقي ٻين رڳون
جو ڪم آهي ان تحريڪ سان ٿيندڙ نقصان
کان بچائڻ.

غلط فهميون- ثبوت جو زور ڪن حالتن
۾ ٿورودي يا ٿورمذي، کي آلت جي ذريعي
خارج ڪري ڇڏيندو آهي يا ڪا حسين زال ڏسڻ
سان يا ڪئين اهڙي سبب ڪان ڪن ڪمزور
ماڻهن کي ائا رطوبت نڪري ايندي آهي ۽ اناڙي
وري ڪي نيم حڪيم جوندا آهن ته مني خارج
ٿي ٿئي. حقيقت ۾ ائين ڪونهي. اهي جوان
جي ان غلط فهمي ۾ مبتلا آهن سي سوچين ته ان
جو خارج ٿيڻ ڪو بيماري، سبب ڪونهي، نه ڪه
قدرتي عام ڳالهه آهي، پر اهو عمل ۾ ضروري آهي.
ڏٺي اهو ظاهر ٿيو ته آلت مان ٽي شيون خارج
ٿيون ٿين مني- پيشاب- ٿورمذي يا ٿورودي.
مني خارج ٿيڻ وقت، ماڻهو جي بدن ۾ ڪ
بجلي جي لرزش پيدا ٿي ٿئي، ۽ سرء ڪمزور
ضعف تو محسوس ڪري، پر ٿورمذي يا ٿورودي
وقت اهي حالتون نٿيون ٿين.
ان ۾ شڪ نه آهي ته ان رطوبت جو تمام گهڻو
خارج ٿيڻ خراب آهي، پر وهم ڏري ان کان ۾ وڌيڪ
خراب آهي.
ٿورمذي ۽ ٿورودي بيدي جي اجزا وانگر ٿئي

ڪري پيشاب ۾ تڪليف ٿيندي آهي. هن گوٿريءَ
مان وري هڪ مني وانگر رطوبت نڪري آلت ۾
پکڙجو وڃي، جو ته پيشاب ۾ هڪ قسم جو تيزاب
ٿئي ٿو جو منيءَ جي جيوڙن کي ماريو ڇڏي. ان
ڪري هي رطوبت وري منيءَ جي جيوڙن کي برڻ
کان بچائي ٿي.

غدوودي - هي گوٿري ۾ آلت جي ويجهو
ٿي رهي ؛ آلت کي مني خارج ڪرڻ ۾ مدد ٿي
ڏئي؛ ؛ منيءَ جي لڳل جيوڙن کان آلت کي نقصان
پهچائڻ نٿي ڏئي. جڏهن ته آلت رڳو پيشاب لاءِ نه
آهي بلڪ منيءَ خارج ڪرڻ جو ذريعو بہ
آهي. اهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ پيشاب ۾
تيزابي مادو آهي جو منيءَ جي جيوڙن کي ناس
ڪيو ڇڏي. جڏهن تہ حمل ٿيڻ جو سڄو مدار انهن
جيوڙن تي آهي ان ڪري ڪي ماڻهو جيڪي ڏا
آهن تہ **برٿ ڪنٽرول** (حمل نہ روڪ) لاءِ
جماع کان پوءِ زال جي حرم ۾ پيشاب ڪري ڇڏڻ
گهرجي. جڏهن سڀ جيوڙا مري وڃن ٿا اهو هڪ
تمام گندو طريقو آهي جو ڪو بہ سڌريل ماڻهو
نہ ڪري.

ڪرڻ جي طاقت ٻين شين کان زياده آهي. ڪيترا ڀيرا آنورن جي ٻه جمندا آهن. (ان ڳوٺڙي ۾ ڪونه هوندا آهن) ان لاءِ ماڻهن کي ڪپي انهن علاج ڪن. آنورن جو نه هجڻ نه رڳو تناسلي شين لاءِ نقصانڪار آهي پر ڊاڪٽرن جو رايو آهي ته ڪيترن حالتن ۾ ٻين دماغي ۽ نفساني بيمارين جو ڪارڻ به ٿئي ٿو.

ڪن ڪن ٻارڙن کي وري ٻن کان وڌيڪ ٽي آنورا ٿيندا آهن ۽ اڪثري ڪي ماڻهو وري اها فخر جي ڳالهه ڪري سمجهندا آهن، پر بهتر آهي ته خبر پوڻ وقت ڪنهن ماهر ڊاڪٽر جي صلاح وٺڻ ضروري آهي، اهڙي طرح جي ڪنهن ٻئي سبب کان آنورا ننڍا يا ڪمزور آهن يا مشت زني (مٺ هڻڻ) کان ٿيل آهن ته جماع جي خواهش گهٽ ٿئي ٿي، ان لاءِ به ڊاڪٽر جي صلاح ضروري آهي.

آنورن جا ڪم

آنورن جو ڪم آهي مني تيار ڪرڻ. آنورن جو اندروني حصو هڪ سٽ جي جڳهه وانگر ٿئي ٿو جو ڪيترين باريڪ نالين جو ٺهيل آهي ۽ منجهس ڪٿين ننڍا ننڍا خانا آهن، جن ۾ رت اچيو گڏ ٿئي ۽ اهي ناليون وري ان مان منيءَ جا جزا الڳ ڪيو وٺن ۽ ڪجهه ٻنهي جا جزا به گڏيو جڏين. اها سڀ راوبسه

ڪنهن ماهر ڊاڪٽر يا حڪيم جو علاج ڪجي. اهي
علامتون "ضعف باه" (بيماري) جون آهن.

٢. خصيا يا آنڊورا


خصيا (بيضا يا آنڊورا) مرد جي تناسلي سرشتي
۽ تمام ڪارگر جزا آهن جي آلت هيٺان هڪ ڳوٿري
۾ لٽڪندا نظر ايندا. ان ڳوٿڙي ۾ مٿان جو ڪاري
جهالي ۾ وار نظر ايندا آهن جن کي "ڪڇا" چون ٿا.
ان ڳوٿڙي جي هيٺان ڏسبو ته هڪ ليڪ ٻن حصن
۾ ورهائيندي نظر ايندي جا سڌي آلت جي هيٺان تائين
وڃيو پوري ٿئي. سردي، قوت ۽ جوانيءَ جي اثر
کان آنڊورا سخت نظر ايندا آهن ۽ گرمي، پيرائپ ۽
ڪمزوريءَ کان ڍلا نظر ايندا آهن. آنڊورا جماع
وقت سڀ آلت جي پاڙ ۾ اچي ويندا آهن.
مرد کي آنڊوري جي سور ۾ يا سوڄ ۾ ٿوڙا سراسري ٿئي
ٿي ۽ اڪثر ڏيڍ انچ ڊگهو ۽ سوا انچ ويڪرو ٿئي
ٿو، جا ڪن ڪن حالتن ۾ عمر ۽ طاقت جي لحاظ
کان گهٽجي وڌي ٿي. آنڊورن جو وڌڻ گهٽجڻ ڪو قوت
مردانگيءَ جي نشاني نه آهي. ڪمزور ماڻهن جا آنڊورا
لڙڪندڙ ٿيندا آهن. ساڄو آنڊورو ڏاٻي آنڊوري کان ڪجهه
قدر ڳرو ٿئي ٿو. آنڊورن کي ٻوري لپ ڍڪ محفوظ

قدر ڪسڪيو اچي. ٻئون ته ڪيترين رڳون آهن
جي دل مان تازو رت کڻيو اچن ۽ آنت وٽ گڏ
ٿيل ڪدي رت کي اڇيو صفا ڪن. اهو صفا ڪرڻ
جو ڪم جماع وقت پاڻ تکڙو ٿيندو آهي. مشتريءَ
ڪري اهي رڳون سڙيو يا ڪمزور ٿيو پون ۽ ڪم
ڪرڻ جي لائق نٿيون رهن، جنهن ڪري "امساڪ"
ٿو ٿئي ۽ جلد انزال ٿيو پوي.

اندريءَ جا ڪم

١- مثانن مان آيل پيشاب کي خارج ڪرڻ.
٢- منيءَ کي زال جي رحم (فرج) تائين پهچائڻ.
٣- جماع جي لذت کي برقرار رکڻ.
اهو ته ظاهر آهي ته امساڪ جو ٿيڻ ازحد ضروري
آهي نه ته ٻئي ڌريون پوريءَ طرح لطف اندوز ٿي
نه سگهنديون.

قدرت وري اهو به ڪم ڪيو آهي ته جنهن
وقت انسان کي شهوت زور ٿئي ٿي ته پيشاب جي
نالي خود بخود بند ٿيو وڃي؛ نه ته اهڙي حالت ۾
پيشاب وري منيءَ جي جيوڙن کي ماريو ڇڏي.
ان لاءِ اهو ضرور آهي ته جي اها حالت ٿجي
جماع جي خواهش وقت پيشاب اچڻ) ته ...



اندري (آلت)
ع اندام حصا

هڪ کي "سوپارو" چئجي ٿو؛ ٻيو اهو جنهن مان
پيشاب لنگهي ٿو.


پيشاب جي نالي هڪ ضروري جز آهي جا آخر
۾ مٺي آئيندڙ ناليءَ سان اچيو گڏجي. ان سڄي
آلت مٿان وري هڪ چمڙي چڙهيل آهي جا ڪيتري
قدر سوپاري کي ۽ ڍڪيو رکندي. ان مٿين چمڙي
کي انگريزيءَ ۾ (Foreskin) چئجي ٿو. اهو پردو
سوپاري تان ۽ آسانيءَ هٽائي سگهجي ٿو. مگر ڪن کي
ڪڏهن نه ننڍي هوندي آلت جي ان چمڙيءَ کي پوري
هٽائي جڳهه طرح. روزانو صفا ڪن؛ ان هنڌ پوري
سٽيي شيءِ مکي جمدي. اڪثر اڄ ڪله مگر اهين
ڪونه ڌيون ڪن، جنهن ڪري ۽ خرابيءَ ۾ ڪيترن
مرض جو امڪان آهي. انڪري ڪن قومن ۾ ان
چمڙيءَ کي ڪٽائڻ جو رواج آهي. ڊاڪٽر ڪانسو
هئي وقت ان ڌارڪ هنڌ کي چهڙ نه ڪيو جي. اها
چمڙي وري آلت کي زال جي فرج مان ڪڍڻ ڏان
روڪي ٿي. مثال طور ڪنهن کي ڊسو ۽ اهو
جيستين خلاص (انزال) نه ٿيندو آهي تيستائين ڪٽ اُهو
نه اڪرندي آهي. ڏلو وبو آهي ته جڏهن شهوت
لٿي ٿي الٽر اها چمڙي خود بخود سوپاري تي ڪي

پيدا ڪرڻ، يعني آورا ۽ بيضي جي گوتري. پيا
اهي جي ان ٻج کي ڪٿي زال جي رحم ۾ پهچائڻ
جو ڪم ڪن. جيڙوڪ آلت ۽ بيضي ڪٿي ويندڙ
ناليون. انهن سڀني جو ڌار ڌار ذڪر ڏئو وڃي ٿو.

١. اندري (آلت)

مردن ۾ ظاهر نظر ايندڙ پهرين اندري آهي. هي
اڳئين رانن جي وچ ۾ لٽڪندي نظر ايندي. هن جي
ڊگهائي ۽ ٿلهائي جدا جدا ملڪن ۾ جدا جدا ٿئي ٿي.
عام طرح ڏٺو ويو آهي ته طاقتور ماڻهوءَ جو عضوو خاص
(اندري) بنسبت ڪمزور جي ٿلهو ۽ ڊگهو ٿئي ٿو.

اندريءَ جو تمام وڏو هجڻ يا ننڍو هجڻ ٻئي
نقصانڪار آهن. تمام وڏو عضوو "جماع" وقت زال
جي رحم کي زخمي ڪيو ڇڏي ۽ ننڍو عضوو ته گهڻو
ڪري نسل پيدا ڪرڻ لاءِ بلڪل نااهل ثابت ٿيو
آهي. جماع وقت زال کي جماع جي لذت کان ته
محروم رکي ٿو جو ته جيستين اندريءَ سان زال جي
رحم ۾ مالش نٿي ڪجي ته زال پورو مزو محسوس
نٿي ڪري.



مردانه عضوا

آلت

خصیتا

۱- مني تيار تيېدو ځايون
۲- مني آټيېدو ناليون
۳- مني ء جو ځزانو

سچو دارومدار انهن تي ئي آهي، تنهنڪري علم النفس جي ڄاڻ به ضروري سمجهڻ گهرجي، جو نه اولاد جو تندرست، خوبصورت، عاقل وغيره ٿيڻ به انهن تي ئي منحصر آهي جو وقت بوقت ظاهر ٿيندو ويندو.

علم النفس جي ناواقفيت نه صرف نسل جي خرابيءَ جو ڪارڻ بڻجي ٿي، بلڪ خود مرد ۽ زال لاءِ به اڪثر جسماني بيماريون، اخلاقي ڪمزوريون ۽ روحاني تباهين جو باعث بڻجي ٿي.

ان لاءِ هن عضون جي پوري ئي ڄاڻ ڪيترين خرابين کان بچائڻ جا رستا ڏيکاريندي. تصوير نمبر (١) ۾ چڱيءَ طرح ڏسو ۽ پورسان پڙهي چڱيءَ طرح سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو.

مرداڻا عضوا ۽ انهن جا حصا

١- آلت (اندري) ٢- خصيا (ٻيلا) يا آنورا
٣- مني کڻي ويندڙ ناليون جن کي سنسڪرت ۾ ويريه ناري چئبو آهي. ٤- منيءَ جي ڳوٿري.

فرض جي لحاظ کان انهن عضوي جي جدا جدا حصن کي جدا جدا ڪم سونپيل آهي ۽ اهو انهن قسمن ۾ ورهايل آهي. ٽڪرا اهي، جن جو ڪم آهي مني

جوانيءَ جو راز

باب پهريون

مردانا تناسلي عضوا (نسل قائم رکڻ جا عضوا)

سڀني جاندارن ۾ ڪيترن ئي قسمن جا عضوا ٿين ٿا، جن مان هڪڙا اهي به آهن جن سان سڀ جاندار پنهنجي جنس قائم رکي ترقي ڪن ٿا ۽ انساني نسل جو بقاءُ به انهن ئي عضون تي منحصر آهي. ان ڪري ان کي نسل قائم رکڻ جا عضوا **(تناسلي عضوا)** چوندا آهن.

اهي عضوا نه صرف انسان يا حيوانن ۾ آهن پر سائنس جي ڄاڻن اهو به ثابت ڪيو آهي ته نباتات (وڻن ٽڻن) ۾ به آهن. اهي به نسل قائم ڪرڻ لاءِ ميلاپ وغيره ڪن ٿا.

انسان لاءِ جهڙي طرح ٻين بدني عضون جي ڄاڻ ضروري آهي انهن عضن جي بناوت ۽ استعمال وغيره جي ڄاڻ به ضروري آهي. جيئن ته انساني نسل جو

واقف ڪيو ويو آهي، ۽ ساڳئي ڳڏ اهو بہ خيال رکيو
ويو آهي تہ ڪنهن بہ مذهب ۽ اخلاقي طرح نقصانڪار
ثابت نہ ٿئي. ان لاءِ ڪيترن هنڌ مذهبي ۽ ڌرمي
ڪتابن جا حوالا جدا جدا ليکڪن جا رايا، ۽ وڏن
وڏن ماهر ڊاڪٽرن، نرسن، طبيبن ۽ ماهر نفس،
ماڻهن جا آزمودا ۽ ڳڻتا سولي سنڌي ۾ ڏيڻ جي
ڪوشش ڪئي وئي آهي.

سهوليت لاءِ ڪيترن هنڌ تصويرون بہ ڏنل آهن.
من ڪتاب کي ظاهر ڪرڻ لاءِ منهنجي دلي تمنا اها
آهي تہ نوجوان لاءِ، ڀوءِ ڪري شادي شده آهن يا
نہ، هر مدرل دوست ثابت ٿئي.

آخر ۾ انسان خطائن جو گهر آهي. جوڻ ڪالسرا
اٿو روان ۽ سمجهان ٿو تہ ضرور هوندا هون، جيتوڻيڪ
هر طرح ڪوشش ڪئي اٿم تہ ڀل نہ ٿئي. انڪاءِ پڙهندڙن
کي عرض آهي تہ نظر انداز ڪن، هي حالت ۾ موڪلي
آگاهہ ڪن تہ مان انهن جو تہ دل شڪر گذار رهندس.

آليرلي.

عادتي آهن ۽ ڪابہ ڳالهہ بنا ڪنهن ڏاڍيءَ محنت لاءِ
تيار ڪونهن. قديم ڪتابن ۾ جيتوڻيڪ مفيد ۽ موثر
ڳالهيون لکيل آهن تہ بہ انهن جي فيلسوفي وغيره
صحيح طرح سمجهڻ ڏکي آهي، جنهن ڪري اهي
پراڻا ڪتاب نوجوانن لاءِ خشڪ ادباس (لٽريچر)
ٿيو نظر اچي.

پنهنجي فرض جي پورائي لاءِ انهن سڀني ڳالهين
کي مد نظر رکي مناسب آهي تہ جذبات نفس جي
خلاف جو اثر ماڻهن تي ويندل آهي، اهو دور ڪجي
۽ پوءِ انهيءَ ڪم آڻڻ جو صحيح طريقو پيش ڪيو
وڃي. ان لاءِ ڪيترن ئي ڪتابن پڙهڻ کانپوءِ
جي ڪ جدا جدا ٻولين ۾ لکيل آهن، هن ڪتاب
لکڻ جو سانس ڪيم ۽ هن ٿوري وقت ۾ دوستن
جي مجبور ڪرڻ تي جيتري قدر اهليت اٿم سائنس
سنڌيءَ ۾ نوجوانن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي
اٿم. جيتوڻيڪ پيا بہ ڪتاب هن وشيءِ تي سنڌي
۾ آهن پر جيتريون خوبيون ظاهري يا اندروني طرح
هن ڪتاب ۾ سمايل آهن، اوتريون ڪنهن سنڌي
ڪتاب ۾ نظر نہ اينديون. نوجوانن کي قدرتي ۽
غير قدرتي استعمال جي فائدن ۽ نقصانن کان بخوبي

شاگردن کان نه ٿيندي آهي. اهو ياد رکڻ ضروري
آهي ته جيسين اسانجو ملڪ هن ڳالهه ڏانهن ڌيان نه
ڏيندو، تيسين ڪنهن به طرح نوجوانن ۾ سڌاري ۽
خوشحالي نظر نه ايندي.

جيتوڻيڪ انگريزي ۾ ڪيئن ڪتاب نوجوانن
کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ، پر اهي اسان لاءِ ايترو ڪارگر
نه آهن جيترو ڪ پنهنجي رهڻي ڪهڻي ۽ مادري ٻوليءَ
۾ لکيل، جو ته هتي جون ريتون رسمون وغيره
سڀ اسان کان نراليون آهن ۽ ڪيتري قدر ته اسين
سمجهڻ کان ئي قاصر آهيون. ان ۾ شڪ ناهي ته
اسانجي بزرگن به علم جذبات نفس تي جدا جدا ٻولين
۾ ڪتاب لکيا هئا ۽ شايد اهي ملي به سگهن، پر اهي
به ايتري قدر ڪارگر نه آهن، جو ته پراڻي زماني ۽
انهي خيالات تي لکيل آهن. انڪري جي اهي
ڪتاب اڄ ڪلهه جي نوجوان اڳيان پيش ڪيا ته
شايد ڪي گهٽ سمجهي نظر انداز ڪن، تنهن
ڪري ضروري آهي نئين زماني ۽ انهي ريتين
رسمن موجب تيار ڪتاب جي.

اڄ ڪلهه جو نوجوان ذري ذري تي هڪدم
"ڇو؟" "ڪيئن؟" "ڪٿي؟" پڇڻ جا

سماج جا نوجوانن جي جذبات نس کان وٺي
رهڻ جيڪي برخلاف آهن ۽ جنهن خيال آهي ته انهن
طرح ئي جو ان جذبات جي روڪڻ ۾ ڪامياب ٿيندا
ته اهي پاڳل آهن.

جذبات نس نه هر جاندار ۾ آهي ۽ ان جذبات
پيدا ٿيندي ئي نوجوان جوڪرا ۽ جوڪريون ڪ
پنهنجي طرف خود بخود جذبو واڳ ڪڇيو وڃن ۽
ڪوڙائي ۾ طرح ان جي روڪي ٿو سگهي. الحق
دااو ڪشش جنس آهي.

پر ڪري نوجوانن کي ان نس جي معاملات کان
دور واقف رکيو وڃي ته ان مان ڪوبه فائدو ڪونهي،
ان ڳالهه ڪري انصاڪار ثابت ٿيو آهي. جيڪڏهن
نوجوانن کي ان جذبات جي پيدا ٿيندي ئي انهي
ادراڪ استعمال کان واقف ڪيو وڃي ته جيڪ
ڪمزوري ۽ دور انهن گندن اثرن کان ۽ جي لڪائي
ڪيا وڃن انهي راز اهڙي وڃن. اڄ ڪلهه پهل
ته نوجوانن کي انهي طرح ان واقفيت کان دور
رکيو وڃي ته هو وڃو ڪافي نه ٿيو ۽ پوءِ صحتياب
... اڄ ڪلهه ڪئين ڳالهيون ۽ ...
... ڪيو ... ۽ نوجوان وڙي

جي فضول خرچن ۾ ضايع ٿي، باقي رهي ڪوي اشتهاري حڪيمن جي نذر ٿي رهي آهي.

هڪ ٻي ۾ عجيب ڳالهہ آهي تہ جيئي ٻين اجاين سڄاين ڳالهين ڪرڻ ۾ ڪوبہ شرم محسوس نٿو ڪيو وڃي، اتي جي اتفاق سان جذبات نفس جي متعلق ڪو ذڪر اچي وڃي تہ بس، شرم کان ٻاٽي ٻاٽي ٿيو وڃن؛ گويا هي مسئلو اهڙو تہ ذليل آهي، جو شريفن جي مجلس ۾ انجو ذڪر ڪرڻ تهذيب جي خلاف سمجهيو وڃي ٿو.

ڪيترن نوجوان کان سندس شاديءَ جي باري ۾ پڇبو تہ شرم کان ڪنڌ ڪري هيٺ ڪندو. ڪيترن جو پيٽ سان هجڻ زبان تي آڻڻ هڪ سخت عيب يا گار سمجهي وڃي ٿي. وغيره وغيره.

مان ان تي بحث ڪونہ ٿو ڪريان تہ اهو بجا آهي يا بيجا. پر مان هڪڙو سوال ٿو پڇان تہ شاديءَ کانپوءِ ان ايندڙ حالتن کي دل ۾ گهڻو سمجهيو وڃي ٿو؟ پيا تہ ڪري جڏهن ۾ هندستان جو ليڊر مهاتما گانڌي پنهنجي جيون چرتر ۾ چوي ٿو تہ شاديءَ کانپوءِ جڏهن ۾ پنهنجي زال وٽ ويندو هوس، تڏهن دل ۾ اهو خيال هميشہ ستائيندو هوم تہ جلدي مان

ڪري ٿيو، جنهن تڪرڻ نه صرف مشڪل، پر
ناممڪن ثابت ٿيو.
ان تباهيءَ جي تمام ذميواري مائٽن ۽ بزرگن
تي آهي، جن اجائي اڪابر ۽ بيجا شرم ۽
حياءَ کي روا رکي ان قدرتي جذبات کان پنهنجي
اولاد کي، قدرتي استعمال جي فائدن ۽ اجائي يا
غير قدرتي استعمال جي نقصان کان واقف نه ڪيو.
وڏي افسوس جي ڳالهه آهي، ته زندگيءَ جي
انهن اهم سچاين ڪمن جي متعلق اسين پنهنجي
اولاد کي واقف ڪريون، پر هن قدرتي جذبات
جي متعلق، قدرت جي رهنمائي ئي ڪافي سمجهون.
جيتوڻيڪ ان ناواقفيت ۽ غلط استعمال مان ٿيل نقصان
جو اثر ساري زندگي تي ٿئي ٿو.
مان ڏهن سالن جي ٿو سگهان ته اڄ ڪلهه
نوي فيصدي نوجوان جي زندگي تباهه ٿي
چڪي آهي، سو رڳو ان ڪري جو هنن کي
ان اهڙي زندگيءَ جي ضروري ڳالهين کان واقف
نه ڪيو ويو آهي.
نوجوانن جا زرد چهرا، مرض ۾ مبتلا، عام
ڏسي سگهجن ٿا. صحت ۽ ويٺي ۽ دولت، جوانيءَ

ديباچو

اسانجي ملڪ ۾ علم نفس (Sexual Knowledge) تي بحث ڪرڻ بي شرمي ۽ بداخلاقي سمجهيو وڃي ٿو. تيستائين جيستائين اسين هن قدرتي جذبي (نفس) کان بيخبر آهيون، يا اڪائي ڪئي ويون ٿا ته انسان کي هي پيانڪ ميدان، جتي وڏا وڏا رشي مني به هار کائي ويا، اتي اڪيلو ۽ بنا رهبر جي ڇڏيو وڃي ٿو. ڪوئي به اهڙو آسان ۽ سلامت رستو ڪيسين اٿو هدايو وڃي، جيسين اسين برابر ايام تي نه ڇڪا آهيون. ٻالڪ ڏٺيءَ جي ڏنل دماغ ۽ سمجهه جي زير اثر ڇڏيو وڃي ٿو ته قدرت ئي انجي پورائي ڪري.

اهڙين حالتن ۾ زماني جي رفتار ۾ نوجوانن کي جذبات نفس جي صحيح استعمال لاءِ ضروري واقفيت ڏيڻ، مغربي اخلاق ۽ فاحش صلاح سمجهي ٿي وڃي. جنهن ملڪ ۾ هلا اها دوا زور شور سان هلندي هجي اتي نوجوانن کي سچي همدردي رکندڙ انسان، انهن کي جذبات نفس جي متعلق ڪليو ڪلايو واقف ڪرڻ

مضمون

صفحو

اڪل راز

فهرست

مضمون	صفحو
دیباچو	ا کان ۱۰
مرداڻا تناسلي عضوا	۱۱
مرداڻا عضوا ۽ انهن جا حصا	۱۲
اندري (آلت)	۱۳
اندريءَ جا ڪم	۱۵
خصيا يا آنورا	۱۶
خصين جا ڪم	۱۷
منيءَ جو خزانو	۱۸
غلط فهميون	۲۰
مني ڪيئن ٿي پيدا ٿئي	۲۲
منيءَ جي بناوت	۲۴
منيءَ جا جيوڙا	۲۵
مني پيدا ڪڏهين ٿي ٿئي	۲۷
جوانيءَ جو ٿيڻ ۽ مائٽن جا فرض	۲۸
بالغ ٿيڻ جون نشانيون	۲۸
علم نفس جي لاءِ اعتراض ۽ جواب	۳۰
مائٽن لاءِ هدايت	۳۳
نوجوانن کي علم نفس ڏيڻ جا آسان رستا	۳۵
شهوت جذبات ۽ لذت	۳۷
منيءَ جي حفاظت	۴۱
برهمچريه	۴۴
شاديءَ کان اڳ جذبات شهوت جي اڇل لاءِ رستا	۴۶

جوانيءَ جو راز

(باتصوير)

SEXUAL SECRETS

By

ALIM B.



Price Re. 1-8-0

First Edition] [1000 Copies

Published by:
T. K. T. DASS & CO.
AILMAL STREET
HYDERABAD SIND.